REG NO. 3833
ABC Certified
روزاني
سنڌيار
سکر
ايڈيٽر: اعجاز مهر
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) خميس 14 مارچ 2024ع بمطابق 03 رمضان المبارڪ 1445ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو: 289

پي ٽي آءِ پاران يورپي يونين سان رابطو پاڪستان خلاف سازش آهي: عطا تارڙ

تحريڪ انصاف طرفان يورپي يونين کي چيو ويو جي ته پاڪستان جو جي ايس پي پلس اسٽيٽس واپس ورتو وڃي، ڪجهه عنصر پنهنجي سياست خاطر رياست کي نقصان پهچائي رهيا آهن

بلومبرگ ۾ وزيراعظم جي حوالي سان چيو ويو آهي ته ڪيس عالمي مالياتي ادارن سان ڊيل ڪرڻ جو سنو تجربو آهي، ڪجهه عنصر پنهنجي سياست خاطر رياست کي نقصان پهچائي رهيا آهن

پهريان به آءِ ايم ايف سان ڊيل کي متاثر ڪرڻ جو پروگرام پي ٽي آءِ ناهيو، عمران خان جي ڪوشش هئي ته ملڪ ڈيوالي جو شڪار ٿي وڃي، ان جي ڪوشش هئي ته هتي سيڙپڪاري اچڻ بند ٿي وڃي

وزيراعظم روزانو 3 کان 4 اجلاس رڳو معيشيت جي بحالي لاءِ ڪندو آهي، هڪ سياسي پارٽي کي پنهنجي ذات کان اڳتي ڪجهه نظر نٿو اچي، کين معيشيت جي بحالي ۾ ڪا به دلچسپي ناهي

يورپي يونين سان رابطو ڪري رهيا آهن، پاڪستان کان جي ايس پي پلس وڌندا، اسٽيٽس آهي ته ريويو مستحکر ٿيندو، هوچاهن تا ته ريويو پاڪستان ۾ مستحکم نه ٿئي، ايڪسپورٽ نه ٿيڻ گهرجي

ملاقاتن تي پابندي رڳو اڊيالا جيل ۾ ناهي لڳائي وئي، اڊيالا، ميانوالي ۽ ڊيراغازي خان جيلن جي آڏ ڪئي پئي وڃي، ايتري ڳالهه ته يورپي يونين کي چيو ويو ته جي ايس پي پلس اسٽيٽس واپس وٺو

اسلام آباد (مڃ ڏ) سڌ سماءُ واري وفاقي وزير عطا تارڙ چيو آهي ته تحريڪ انصاف طرفان

يورپي يونين کي چيو ويو جي ته پاڪستان جو جي ايس پي پلس اسٽيٽس واپس ورتو وڃي، اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي عطا تارڙ چيو ته بلومبرگ ۾ وزيراعظم جي حوالي سان چيو ويو آهي ته ڪيس عالمي مالياتي ادارن سان ڊيل ڪرڻ جو سنو تجربو آهي، ڪجهه عنصر پنهنجي سياست خاطر رياست /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03



ڪراچي: گورنر ڪامران ٽيسوري سيد ذوالفقار علي شاهه کان وزارت جو حلف وٺندي، وڏو وزير سيد مراد علي شاهه پڙهي رهيو آهي

وزيراعظم سان خيبرپختونخواهه جي وڏي وزير جي ملاقات، نئون چيف سيڪريٽري ۽ فنڊ ڊيٽ جو مطالبو

وزيراعظر پاران خيبرپختونخواهه جي وڏي وزير جي آجيان، خيبرپختونخواهه جي وڏي وزير علي امين گنڈاپور وزيراعظر کي خيبرپختونخواهه صوبي جي انتظامي معاملن تي تفصيلي طور تي آگاهه ڪيو

وفاقي حڪومت چئني صوبن بشمول خيبرپختونخواهه سان هر آهنگي سان ڪم ڪرڻ ۽ رابطا مضبوط بٽائڻ تي يقين رکي ٿي، چارئي صوبا گڏجي هلندا ته ملڪ ترقي ڪندو

چارئي صوبا وفاق جون اڪائيون آهن، چارئي صوبا گڏجي هلندا ته ملڪ ترقي ڪندو، ملڪ جي معاشي صورتحال کي نظر ۾ رکندي خيبرپختونخواهه جا سمورا جائز مطالبا پورا ڪيا ويندا

اسان کي گڏجي ريهي سمورن مسئلن جو حل ڪيڏو پرندو، اسان جي سمورين گڏيل ڪوششن ۾ عوامي پلاڪي اولين ترجيح هوندي، خيبرپختونخواهه سان هر آهنگي سان ڪم ڪرڻ ۽ رابطا مضبوط بٽائڻ تي يقين رکي ٿي

وزيراعظر سان ملاقات مثبت رهي، شهباز شريف تعاون ۽ صوبي جي بقايائن ادا ڪرڻ جو يقين ڏياريو آهي، عمران خان سان ملاقات جو معاملو به اتاريو، سينيٽ چونڊن بابت ان سان مشاورت ڪرڻي آهي: علي امين گنڈاپور

وزيراعظر کي چيو ته ته عمران خان سان سياسي انگيجمينٽ ضروري آهي، جنهن ذريعي مسئلا حل ٿيندي، وزيراعظر يقين ڏياريو آهي ته منهنجي جلد عمران خان سان ملاقات ڪرائي ويندي

اسلام آباد (مڃ ڏ) وزيراعظر محمد شهباز شريف چيو آهي ته وفاقي حڪومت چئني صوبن بشمول خيبرپختونخواهه سان هم آهنگي سان ڪم ڪرڻ ۽ رابطا مضبوط بٽائڻ تي يقين رکي ٿي، چارئي صوبا گڏجي هلندا ته ملڪ ترقي ڪندو، اهڙن خيالن جو اظهار هن خيبرپختونخواهه جي وڏي وزير علي امين گنڈاپور سان ڳالهائيندي ڪيو جنهن سائس ملاقات ڪئي. وزيراعظر آفيس جي ميڊيا/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04



اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف سان ڪي پي ڪي جو وڏو وزير علي امين گنڈاپور ملاقات ڪندي

پي ٽي آءِ يورپي يونين کي نڪو خط لکيو آهي ۽ نڪي خط لکڻ جو ارادو آهي: پي ٽي آءِ

وزير جي پريس ڪانفرنس ڪرڻ ۽ الزام بازي ڪانسواءِ ڪجهه ناهي، ملڪ تي قابض ٽين کي حب الوطني جو درس ڏئي رهيا آهن

تحريڪ انصاف پاڪستان جي مقبول ترين جماعت آهي جيڪا سيني اڪائن جي نمائندگي ڪري ٿي، يورپي يونين کي ڪو خط ناهي لکيو

پي ٽي آءِ بانيءَ عمران خان جون آءِ ايم ايف پروگرام جي ڪاميابي لاءِ ڪاوشن سيني جي سامهون آهي: پريس ڪانفرنس تي ردعمل

اسلام آباد (مڃ ڏ) پاڪستان تحريڪ انصاف سڌ سماءُ واري وفاقي وزير عطا تارڙ جي پريس ڪانفرنس تي پي ٽي آءِ يورپي يونين کي نڪو خط لکيو آهي ۽ نڪي خط لکڻ جو ارادو آهي، پي ٽي آءِ ترجمان طرفان جاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

عوام جي معاشي مشڪلاتن جي خاتمي جي لاءِ سيني کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو: وزيراعظم

يوٽيلٽي اسٽورز ذريعي ڪروڙين مستحقين ۾ سستو آٽو، ڪڻڪ، داليون، گيهه ۽ ٻيون ضرورت جون شيون فراهم ڪيون ويون

مستحقين جا دستاويز موجود هجن ته بنا ڊيرانهن تائين ضرورت جون شيون گهٽ آڇهن تي پهچي وڃن ٿيون

رمضان پئڪيج حاصل ڪندڙ مستحقين کي ڪنهن به مشڪل کي منهن نه ڏيڻو پوي: انتظاميا کي هدايتون



ڪراچي: صوبائي وزير شرجيل ميمڻ اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪندي

اسلام آباد (مڃ ڏ) وزيراعظر محمد شهباز شريف چيو آهي ته پاڪستان جي ترقي، خوشحالي ۽ مهانگائي ۽ عوام جي معاشي مشڪلاتن جي خاتمي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

اسلام آباد، پشاور ۽ مردان سميت ملڪ جي مختلف شهرن ۾ زلزلي جا لوڏا

اسلام آباد (مڃ ڏ) اسلام آباد، پشاور ۽ مردان سميت ملڪ جي مختلف شهرن ۾ زلزلي جا لوڏا محسوس/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 32

ميونسپل آفيسرن جي پرتين جو مامرو، اميدوارن جي انٽرويو جو ڪارڊ محفوظ ڪيو وڃي: عدالت

عدالت درخواستگذار کي سمورا اعتراض اڪائي ڪميشن ۾ اپيل داخل ڪرڻ جو به حڪم ڏئي ڇڏيو

سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن مان پاس ٿيندڙ سمورن اميدوارن جون مارڪون ويب سائيٽ تي اپ لوڊ ڪيون وڃن

پبلڪ سروس ڪميشن جي چيئرمين رضوان ميمڻ خلاف انڪوائري ڪري ٻن مهينن اندر رپورٽ عدالت ۾ پيش ڪرڻ جو حڪم

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ۾ ميونسپل آفيسرن جي پرتين جو مامرو، اميدوارن جي انٽرويو جو ڪارڊ محفوظ ڪيو وڃي: عدالت درخواستگذار کي سمورا اعتراض اڪائي ڪميشن ۾ اپيل داخل ڪرڻ جو به حڪم ڏئي ڇڏيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

ايل پي جي گهٽي هجڻ باوجود قيمتن ۾ اضافو غيرقانوني آهي: اوگرا

قيمتن ۾ مصنوعي اصافي جو بنيادي سبب ايل پي جي گيس جي غيرقانوني ذخيره اندوزي آهي

ڪجهه بددياڻت عناصر مصنوعي ڪٽ پيدا ڪري صارفين تائين ايل پي جي پهچ مشڪل بنائي رهيا آهن



اسلام آباد: وفاقي وزير اعظم نذير تارڙ اجلاس جي صدارت ڪندي

اسلام آباد (مڃ ڏ) ايل پي جي ذخيره اندوزي جي خلاف آل انڊيا گيس ريگوليٽري اٿارٽي اوگرا حرڪت ۾ اچي وئي آهي، اوگرا جي ترجمان پنهنجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

اسٽيٽ بٽنڪ غلط پرنٽ ٽيل ڪرنسي نوٽن جي معاملي تي وضاحت جاري ڪري ڇڏي

اسلام آباد (مڃ ڏ) اسٽيٽ بٽنڪ غلط پرنٽ ٽيل ڪرنسي نوٽن جي معاملي تي وضاحت جاري ڪندي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

سنڌ جي مختلف شهرن ۾ برسات، بجلي جي فراهمي معطل، بلوچستان ۾ 9 ڇٽافوٽ

سکر، خيرپور ۽ جيڪب آباد سميت سنڌ جي ڪيترن ئي شهرن ۾ برسات سبب شهري بجلي کان محروم ٿي ويا

بلوچستان ۾ 250 گهر مڪمل طور تي تباهه ٿي ويا، 1040 کي جزوي نقصان پهتو آهي: پي ڊي ايم اي

ڪراچي (مڃ ڏ) سنڌ ۽ بلوچستان جي مختلف شهرن ۾ برسات رڪارڊ ڪئي وئي آهي، بلوچستان ۾ ڏار ڏار حادثن دوران 9 ڇٽا ڦوٽ ٿي ويا، سکر، خيرپور ۽ جيڪب آباد سميت سنڌ جي ڪيترن ئي شهرن ۾ برسات سبب شهري بجلي کان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

اسلام آباد ۾ پاڪستان جو سپ کان وڏو آءِ ٽي پارڪ ٺاهڻ جو فيصلو

سيڪٽر جي 10 ۾ 3.3 ايڪڙ ايراضي تي آءِ ٽي پارڪ ٺاهڻ جي منظوري ڏني وئي آهي: سي ڊي اي

آءِ ٽي پارڪ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت قائم ڪيو ويندو، پارڪ جو ڪوريڊ ايريا 1 لک چورس فوٽ هوندو

پارڪ ۾ فري لانسرز اسٽارٽ اپس لاءِ ورڪنگ اسپيس ۽ سافٽ ويئر هائوسز لاءِ هنڌ مختص ڪيو ويندو

اسلام آباد (مڃ ڏ) وفاقي ترقياتي اداري (سي ڊي اي) اسلام آباد ۾ پاڪستان جو سپ کان وڏو آءِ ٽي پارڪ ٺاهڻ جو فيصلو ڪيو آهي، سي ڊي اي موجب سيڪٽر جي 10 ۾ 3.3 ايڪڙ ايراضي تي آءِ ٽي پارڪ ٺاهڻ جي منظوري ڏني وئي آهي، /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

جي يو آءِ جي مخصوص سيٽ تي ڪنهن ٻئي عورت جو نوٽيفڪيشن جاري ڪرڻ تي آراو معطل

صدف احسان جو نوٽيفڪيشن رد ڪري حنا بي بي جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو وڃي، غلط نوٽيفڪيشن جي جاچ ڪرائي وڃي: جي يو آءِ

صدف احسان نه پر صدف ياسمين اسان جي اميدوار آهي، جنهن اليڪشن ڪميشن ۾ ڪي به نامزدگي ڪاغذ جمع ناهن ڪرايا

جي يو آءِ جي درخواست تي اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان لاڪاپيل ريٽرننگ آفيسر کي معطل ڪري جاچ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

اسلام آباد: وفاقي وزير شرجيل ميمڻ اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

اسلام آباد (مڃ ڏ) جي يو آءِ جي مخصوص سيٽن تي مبينہ طور تي ڪنهن ٻئي عورت جو نوٽيفڪيشن جاري ڪرڻ تي اليڪشن ڪميشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

غزه ۾ اسرائيل جي رمضان المبارڪ ۾ به دهشتگردي جاري، تازن حملن ۾ وڌيڪ 36 فلسطيني شهيد

غزه (مڃ ڏ) غزه ۾ اسرائيل جي رمضان المبارڪ ۾ به دهشتگردي جاري آهي، تازن حملن ۾ وڌيڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

پاڪستان ۾ سريلنڪا وارو ڪم ٿيڻ وارو آهي: عمران خان

مينڈيٽ ڪسي قوم جي اميد ختم ڪئي وئي، منهنجو سپ اڳڪٽيون سچ ثابت ٿيون

مهانگائي وڌندي ۽ عوام روڊن تي هوندو، ڪا به ڊيل ناهي ٿي رهي، وڪيلن سان ٿي ملاقات بند ڪئي وئي آهي



راولپنڈي (مڃ ڏ) پي ٽي آءِ بانيءَ عمران خان چيو آهي ته ملڪ ۾ سريلنڪا وارو ڪم ٿيڻ وارو آهي، اڊيالا جيل ۾ صحافين سان غير رسمي ڳالهه ٻول ڪندي پي ٽي آءِ بانيءَ چيو ته مينڈيٽ ڪسي قوم جي اميد ختم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

يوٽيلٽي اسٽورز رات 10 وڳي تائين کليل رهندا

هدايتن تي عملدرآمد لاءِ زونل ۽ جنرل مئنيجرز کي حڪم جاري ڪيا ويا

اسٽورز هاٽي افطاري کانپوءِ رات 10 وڳي تائين کليل رهندا

اسلام آباد (مڃ ڏ) وزيراعظر رمضان پئڪيج تحت شهرين جي سهولت لاءِ يوٽيليٽي اسٽورز جو وقت وڌائڻ جي هدايت ڪري ڇڏي. ذريعن مرجب/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

قومي اسيمبلي: ذوالفقار علي ڀٽو جي موت واري سزا کي غيرقانوني قرار ڏيڻ جو ٺهراءُ منظور

صدر آصف علي زرداري ريفرنس فائل ڪيو، قومي اسيمبلي سپريم ڪورٽ جي راءِ ڏيڻ تي ان کي مبارڪباد ڏني ٿي

غير منصفانو فيصلو تبديل ڪري ذوالفقار علي ڀٽو کي سرڪاري طور شهيد قرار ڏئي اعليٰ ترين سول ايوارڊ نشان پاڪستان ڏنو وڃي

جهموريت لاءِ جان قربان ڪندڙ ڪارڪنن لاءِ نشان ذوالفقار علي ڀٽو ايوارڊ قائم ڪيو وڃي: پاس ڪيل ٺهراءُ ۾ مطالبو



اسلام آباد: وفاقي وزير محسن نقوي اجلاس جي صدارت ڪندي

اسلام آباد (مڃ ڏ) سينيٽ ڪانپوءِ قومي اسيمبلي ۾ به پاڪستان پيپلز پارٽي جي باني ۽ آڳوڻي وزيراعظر ذوالفقار علي ڀٽو جي موت واري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

وزيراعظر پاران اسفند يار ولي خان جي رهائشگاهه آمد، گهروارين جي لاڏاڻي تي تعزيت

چارسده (مڃ ڏ) وزيراعظر محمد شهباز شريف عوامي نيشنل پارٽي جي سربراهه اسفند يار ولي خان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

قومي ۽ صوبائي اسيمبلين جي ننڍي چونڊ جو شيڊيول جاري

سموري ملڪ ۾ خالي سيٽن تي ننڍي چونڊ 21 اپريل تي ٿيندي

قومي اسيمبلي جي ڇهن، پنجاب اسيمبلي جي 12 سيٽن تي ننڍي چونڊ ٿيندي

اسلام آباد (مڃ ڏ) اليڪشن ڪميشن قومي ۽ صوبائي اسيمبلين ۾ ننڍي چونڊ جو شيڊيول جاري ڪري ڇڏيو آهي، اليڪشن ڪميشن موجب، سموري ملڪ ۾ خالي سيٽن تي ننڍي چونڊ 21 اپريل تي ٿيندي، اليڪشن ڪميشن جو چوڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

راولپنڈي جي آڳوٽي ڪمشنر کي گولي پيش ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

آڳوٽو ڪمشنر لاڳيتو روپوش، اباڻي ڳوٺ حافظ آباد واري گهر ۾ به موجود نه آهي: پوليس

پوليس کي آڳوٽي راولپنڈي جي ڪمشنر کي 15 اپريل تائين گولي پيش ڪرڻ جو حڪم

راولپنڈي (مڃ ڏ) عام چونڊن ۾ مبينہ ڏاڍلي جو الزام لڳائيندڙ راولپنڈي جي آڳوٽي ڪمشنر لياقت علي چٺه کي عدالت طلب ڪري ورتو آهي. راولپنڈي جي آڳوٽي ڪمشنر خلاف ڪيس جي هڏاڻي ايديشنل سيشن جج حاڪر خان ڪئي، /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

ڪالاباغ ڊيم جو حامي ظفر محمود ارسا جو چيئرمين مقرر

ميمبر نه هڻڻ ۽ ميمبرز کان منظوري وٺڻ ڪانسواءِ مقرري تي سپ حيران

واپڊا جو آڳوٽو چيئرمين ظفر محمود ڪالاباغ ڊيم جو زبردست حامي رهيو آهي

اسلام آباد (سيورو رپورٽ) ڪالاباغ ڊيم جي کٽر حامي ۽ واپڊا جي آڳوٽي چيئرمين ظفر محمود ڪي ارسا جو چيئرمين مقرر ڪيو ويو ظفر محمود /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11



اسلام آباد: وفاقي وزير رياض پيرزادا اجلاس جي صدارت ڪندي

پاڪستان، آءِ ايم ايف جي آخري قرض قسط لاءِ سمورا هدف پورا ڪري ورتا

آءِ ايم ايف جي وفد سان ڳالهين 14 کان 18 مارچ تائين شيڊيول آهن: نائب واري وزارت معاهدو ٿي ويو ته وفد هڪ ڏهائي هڪ ڀالرز جي قسط جاري ڪرڻ جي سفارش ڪندو

اسلام آباد (مڃ ڏ) پاڪستان آءِ ايم ايف کان آخري قسط لاءِ سمورا هدف پورا ڪري ورتا، نائب وزارت طرفان جاري ڪيل پترائي ۾ چيرمين آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ريئي جي مُلهه ۾ واڌ، ڊالر سستو ٿي ويو

ڪاروبار جي پڄاڻي تي ڊالر جي قيمت 278.79 روپيا رهي

ڪراچي (مڃ ڏ) ملڪ ۾ ريئي جي مُلهه ۾ واڌ ڪانهي، ڊالر سستو ٿي ويو آهي، انٽربئنڪ ۾ ڊالر 29 پئسا سستو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

روس ٽيڪنيڪي طور تي جوهري جنگ لاءِ تيار آهي: روسي صدر

آمريڪا يوڪرين ۾ فوج موڪلي ته موجوده حالتن جي شدت ۾ نمايان اضافو ٿي ويندو

يوڪرين ۾ جوهري هٿيارن جي استعمال جي ضرورت محسوس نه ٿي آهي

ماسڪو (مڃ ڏ) روس اولهه ملڪن کي خبردار ڪيو آهي ته روسي ٽيڪنيڪي طور تي جوهري جنگ لاءِ تيار آهي ۽ جيڪڏهن آمريڪا يوڪرين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19



اسلام آباد: وفاقي وزير جام ڪمال اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

ارب پتي شخص پاران ٽائيٽينڪ 2 جهاز تيار ڪرڻ جو اعلان

آسٽريليا سان واسطو رکندڙ ارب پتي ڪلائيو پالمر اعلان ڪيو

اميد آهي ته اهو جهاز عالمي امن ۾ ڪردار ادا ڪندو: ڪلائيو پالمر

ارب پتي شخص پاران ٽاءِ ٽينڪ 2 سامونڊي جهاز تيار ڪرڻ جو اعلان. هڪ ڏهائي کان وڌيڪ عرصي کان آسٽريليا سان واسطو رکندڙ ارب پتي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

جنسي هراسمينٽ ۾ ملوث نسيم ميمڻ جي سزا خلاف اپيل رد

نسيم ميمڻ فيصلي خلاف سنڌ جي گورنر کي سزا معاف ڪرڻ جي اپيل ڪئي هئي

گورنر طرفان سزا جي بحالي باوجود چيئرمين انٽربورڊ نسيم ميمڻ ڪر ڪري رهيو آهي

ڪراچي (رپورٽر) گورنر سنڌ ڪامران ٽيسوري جنسي هراسمينٽ ۾ ملوث چيئرمين انٽر بورڊ جي سزا خلاف اپيل رد ڪري ڇڏي، ترجمان موجب/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ايس ٽي پي ارسا چيئرمين جي مقرري خلاف 17 مارچ تي سجي سنڌ ۾ احتجاج جو سڏ ڏئي ڇڏيو

نگران حڪومت ۾ صدارتي آرڊيننس ۾ ارسا جي قانون ۾ غير قانوني ۽ غير آئيني طور ترميم ڪئي وئي: قادر مگسي

وزيراعظر شهباز شريف ان غيرقانوني ۽ غير آئيني آرڊيننس جي ذريعي ڪالاباغ ڊيم جي حمايتي ارسا چيئرمين جي مقرري ڪئي آهي



حيدرآباد (رپورٽر) سنڌ ترقي پسند پارٽي جي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي، چار عبدالفتاح سميجو، حيدر شاهاڻي، حيدر ملاح، ڊاڪٽر سومار مگريو، عاشق سولنگي، قادر ڇنا، امتياز سمون، نثار ڪيريو ۽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

پارٽ ۾ تکراري قانون لاڳو، آمريڪا ۽ گڏيل قومن خدشا ظاهر ڪري ڇڏيا

پارٽ ۾ شهريت ترميمي ايڪٽ لاڳو ڪرڻ جي اعلان تي فڪرمند آهيون: آمريڪا

شهريت ايڪٽ تي ڪيئن عملدرآمد ٿئي ٿو ان ڳالهه جو جائزو وٺي رهيا آهيون

ممبئي (مڃ ڏ) پارٽ ۾ مودي حڪومت پاران تکراري شهريت واري ترميمي ايڪٽ لاڳو ڪرڻ تي آمريڪا ۽ گڏيل قومن خدشا ظاهر ڪيا آهن. آمريڪي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

پنجاب حڪومت جو 6 جون کان پلاسٽڪ جي ٿيلهين تي پابندي لڳائڻ جو فيصلو

مريم نواز شاگردن کي ماحولياتي سفير بنائڻ لاءِ انوائرمينٽ ڪلاميٽ چينج ڪائونسل ٺاهڻ جي هدايت ڪئي: مريم اورنگزيب

معياري زندگي هر ماڻهو جو حق آهي، انساني حياتين سان کيڏندڙن سان ڪوبه سمجهوتو نه ڪيو ويندو

6 جون تي پنجاب جي وزيراعليٰ جي حڪم تي پلاسٽڪ جي ٿيلهين تي پابندي لڳائي ويندي



اسلام آباد: وفاقي وزير شڙا فاطمه اجلاس جي صدارت ڪندي

لاهور (مڃ ڏ) پنجاب حڪومت 6 جون کان صوبي ۾ پلاسٽڪ جي ٿيلهين تي پابندي لڳائڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي، سينئر وزير مريم اورنگزيب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

ڪشمور پوليس پاران ڪچي واري علاقي ۾ آپريشن دوران ٻن مغوين کي ڪرائڻ جي دعويٰ

ڪشمور (رپورٽر) ڪشمور پوليس پاران ڪچي واري علاقي ۾ آپريشن دوران ٻن مغوين کي ڪرائڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

سکر شهر ۾ جاري ترقياتي ڪم ڪيترائي مهينا گذرڻ باوجود مڪمل نه ٿي سگهيا، شهري پريشان

شڪارپور روڊ کان واري تڙ روڊ عوام لاءِ آزار بڻيل، ڪمن ۾ ناقص مٽيريل جي استعمال جو انڪشاف ٿيو

شهر جي مختلف علائقن ۾ جاري گندي پاڻي جي نيڪال ۽ واٽر سپلاءِ جا منصوبا مڪمل نه ٿي سگهيا آهن

خزاني کي لٽيندڙن خلاف ڪارروائي ڪري ڪم مڪمل ڪرائي عوام کي رليف ڏيڻ لاءِ تڪڙا قدم کنيا وڃن

سکر(رپورٽ)امداد علي گل ڪلوڙ) شهر ۾ جاري ترقياتي ڪم ڪيترائي مهينا گذرڻ باوجود مڪمل نه ٿي سگهيا، شڪارپور روڊ کان واري تڙ روڊ عوام لاءِ آزار بڻيل، ناقص مٽيريل جي استعمال جو انڪشاف،تعميراتي ڪم سست رفتاري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01



سکر: واري تڙ روڊ تي سست رفتاري سان هلندڙ ترقياتي ڪم جو ڏيک

سينارجا لڳ يوسي ڏيپارجا جي

ڳوٺ يار محمد پناڻ جي رهواسي

جي زمين تان سامان چوري

سينارجا (رپورٽر) سينارجا لڳ يوسي ڏيپارجا جي ڳوٺ يار محمد پناڻ جي رهواسي سعيد احمد پناڻ جي زمين تي لڳل ٽيوب ويل جو جنريٽر جو قيمتي سامان نامعلوم چور ڪري کڻي ويا جنهن جي اين سي پوليس چونڪي ڏيپارجا تي درج ڪئي وئي آهي جڏهن ته متاثر شخص ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته اسان جي ڪنهن/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ڌنڌو محمد خان پوليس پاران رمضان المبارڪ جي مقدس مهيني جي آمد دوران انتظام سخت

ڌنڌو محمد خان (ڊاڪٽر مظفر علي بروهي) رمضان المبارڪ جي مقدس مهيني جي آمد دوران ڌنڌو محمد خان پوليس پاران سيڪيوٽري جي انتظام انتهائي سخت ڪيا ويا آهن ڌنڌو محمد خان جي ايس ايس پي سيد سليم شاهه پاران رمضان المبارڪ ۾ شهر اندر ۾ سخت سيڪيورٽي جي هدايت جاري اهم حڪم نامو جاري تمام ڊي ايس پيز ۽ ايس ايڇ اوز کي ان روڊ رهڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

منظورآباد ۽ پرپاسي ۾ وڏي عرصي کان پيئڻ جي پاڻي جي ڪوٽ خلاف احتجاجي مظاهرو

ايس يو پي طرفان انڊس هاءِ وي تي شاميانا هٽي عورتن ٻارڙن سميت 6 ڪلاڪ ڊرٽو ٽريفڪ معطل

عوام وڏيڪ احترام لائق آهي سوين عوامي گاڏين کي تڇڏي سگهان ٽوپرادارن کي نه ڇڏيندس: منير حيدر شاهه

پبلڪ هيلٿ کاتي جي نااهلي سبب منظورآباد ۽ پرپاسي جي 20 ڳوٺن جو پاڻي بند آهي، نوٽيس ورتو وجي: خدا بخش ٽيپو

مانجهند (رپورٽر: مهراڻ عمراڻي) منظورآباد ۽ پرپاسي ۾ وڏي عرصي کان پيئڻ جي پاڻي جي ڪوٽ خلاف ايس يو پي طرفان انڊس هاءِ وي تي شاميانا هٽي عورتن ٻارڙن سميت 6 ڪلاڪ ڊرٽو ٽريفڪ معطل ڪرڻ ۾ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23



مانجهند: پينئ جي ڪوٽ خلاف ايس يو پي اڳواڻ منير حيدر شاهه جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو پيو وڃي

نٽي جي اي سيز ۽ مختيارڪار پاران ناجائز منافع خورن خلاف ڪهيرو تنگ

ناجائز منافع خوري ۾ ملوث 29 دڪانن تي 15 هزار 500 روپيا ڏنڊ لاڳو ڪيو ويو

ناجائز منافع خوري ڪنهن به صورت برداشت نه ڪئي ويندي، وارننگ ڏني وئي آهي: اي سي

نٽو (رپورٽر: حاويد لطيف ميمڻ) ضلعي اطلاعات ڪاتي جي آفيسر محفوظ سومرو پنهنجو هڪ بيان جاري ڪندي چيو آهي ته ضلعي ڪشنر اسد علي خان جي خصوصي هدايت تي رمضان المبارڪ جي پهرين ڏينهن ئي ضلعي جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24



نٽو: ڊي سي جي هدايتن تي اي سيز ۽ مختيارڪار شهر جو دورو ڪري رهيا آهن

ظفر محمود تڪراري شخص آهي ڪيس ارسا چيئرمين کي مقرر ڪرڻ مناسب ناهي: سسئي پليجو

حڪومت پاران ارسا ۾ مقرر ڪيل چيئرمين جي مقرري واري فيصلي کي پ پ متضاد فيصلو قرار ڏيون ٿا

مقرر ٿيل ظفر محمود ڪالاباغ ڊيم سميت صوبن وچ ۾ پاڻي ورهاست وارن متضاد فيصلن جو حامي رهيو آهي

ڪوٽڙي ڊاڪون اسٽريم ڪان هيٺ جي صورتحال پاڻي جي غير منصفاڻي ورڇ جي هڪ تصوير آهي، آبادگار پريشان آهن

نٽو(رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) سنڌ جي اڳوڻي صوبائي وزير ۽ اڳوڻي سينيٽر ۽ موجوده وفاقي حڪومت ۽ ويندل اتحادي پارٽي پ پ پ سنڌ جي اڳواڻ سسئي پليجو وفاقي حڪومت پاران ارسا ۾ مقرر ڪيل چيئرمين جي مقرري واري فيصلي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ڏڙو لڳ ڳوٺ الهڏنو سولنگي ۾ پراسرار بيماري وکهي ئي گهر جا 11 ماڻهو نفسياتي مريض ٿي ويا

ڳوٺ الهڏنو سولنگي ۾ پراسرار نفسياتي وائرس سبب 5 عورتن سميت هڪ ئي گهر جا 11 ماڻهو مبتلا

مريضن ڏاڏا ۽ ڪهاڙيون کڻي گهر ۾ بيئل پلوڙ مينهن کي کهي ڇڏيو، ڊي سي جي نوٽيس تي پوليس ڦهتي

هنگامي ۽ رڙين تي ڳوٺن وارن پهچي ذهني توازن وڃائيندڙ گهر ڦاتين کي رسن سان ٻڌي انتظاميا کي طلب ڪيو

ڏڙو (رپورٽر: شوڪت ميمڻ) ڏڙو لڳ ڳوٺ الهڏنو سولنگي ۾ پراسرار نفسياتي وائرس سبب 5 عورتن سميت هڪ ئي گهر جا 11 ماڻهو چرپاٽ جو شڪار، نفسياتي مريضن ڏاڏا ۽ ڪهاڙيون کڻي گهر ۾ بيئل پلوڙ مينهن کي کهي ڇڏيو، واٽسءَ سوشل ميڊيا تي اڄ بعد ڊي سي سجاول جي حڪم تي صحت کاتي جي ٽيم ۽ ڏڙو پوليس ڳوٺ غني سولنگي پهتي، ڳوٺ ۾ سخت خوف ۽ حراس چانيل، تفصيل مرحب ڏڙو لڳ يونين ڪائونسل علي اڪبر شاهه جي ڳوٺ الهڏنو سولنگي ۾ گهر ڏني ايوب سولنگي سندس پٽن غلام حسين سولنگي، عرس، ارشد، درياه خان، شمشاد سولنگي ۽ 5 عورتن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ڪنڊڪوٽ مان جام عبدالرحمن جي گرفتاري خلاف ايس ٽي پي پاران گهڪهر ۾ احتجاج

ڪنڊڪوٽ پوليس شريف شهرين کي حراسان ڪري رهي آهي جيڪو غلط عمل آهي: اڳواڻ

سبزوئي برادري جي ديدار علي سبزوئي، غلام اصغر سبزوئي ۽ سنڌ ترقي پسند پارٽي مظاهرو ڪيو

رجب علي زهراڻي، علي مگسي سميت ڪارڪنن ۽ سبزوئي برادري جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

ملير (ڊ ـ ر) ڪنڊڪوٽ مان جام عبدالرحمن جي گرفتاري خلاف ايس ٽي پي پاران گهڪهر ۾ احتجاجي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29



ملير: ايس ٽي پي اڳواڻ عبدالرحمان جي گرفتاري خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

محراب پور جي نينگري نمراقتل ڪيس جي سزا خلاف جوابدار جي اپيل هاءِ ڪورٽ رد ڪري ڇڏي

هاءِ ڪورٽ جوابدار اصغر ڪمبوهه جي سزا 6 موت خلاف داخل فوجداري اپيل رد ڪندي سزا برقرار رکي

7 ورهين جي معصوم نينگري نمراڏي مشتاق ڪمبوهه کي اغوا ڪري جنسي زيادتي بعد قتل ڪيو ويو

پوليس ڪيس داخل ڪري ڪاروائي ڪندي جوابدار اصغر ڪمبوهه کي گرفتار ڪري جيل منتقل ڪري ڇڏيو هو

نوشهرو فيروز(رپورٽر: منظور ملڪ) سنڌ هاءَ ڪورٽ سکر بينچ محراب پور جي مقتولا 7 ورهين جي معصوم نينگري نمرا مشتاق ڪمبوهه کي اغوا ڪرڻ ۽ قتل ڪرڻ واقعي ڪيس ۾ نامزد جوابدار اصغر ڪمبوهه جي سزا 6 موت خلاف داخل فوجداري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

دادو ۾ ارڙي تي ضابطو نه آيو، 80 کان وڌيڪ معصوم ٻارڙا ارڙي ۾ مبتلا ٿي ويا، اختياريون خاموش

ڳوٺ وڏيو پنهور ۾ ارڙي جي وبا انتهائي حد تائين پکڙجي وئي، 80 کان وڌيڪ ٻارڙا ارڙي ۾ ونجي ويا

اڪثر ڏي عبدالقيوم پنهور عذير پٽ عبدالعزيز پنهور جي ٻارڙن جي ارڙي سبب نازڪ حالت ۾ آهن، رهواسي آگاهي ڏيڻ جي باوجود پٽ ڳوٺن ۾ صحت کاتي دادو پاران ارڙي کان بچاءَ لاءِ ڪي به جوڳا انتظام نه ڪيا ويا

دادو(رپورٽر) دادو ۾ ارڙي تي ضابطو نه آيو 80 کان وڌيڪ معصوم ٻارڙا ارڙي ۾ مبتلا 6 معصوم ٻارڙن جي حالت انتهائي نازڪ اسپتال منتقل صحت کاتو اگهورنڊ سنڌ سڪل خبر موجب دادو ويجهو گوٺ وڏيو پنهور ۾ ارڙي جي وبا انتهائي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ڪوٽ اڀاڻ ۾ ڪاروبار بند، ڪاروباري برادري جو ڪڙڪ ڪاروبار کولڻ جو اعلان

ڪوٽ اڀاڻ ۾ ڪاروبار بند، ڪاروباري برادري جو ڪڙڪ ڪاروبار کولڻ جو اعلان

ڪوٽ اڀاڻ ۾ ڪاروبار بند، ڪاروباري برادري جو ڪڙڪ ڪاروبار کولڻ جو اعلان

ڪوٽ اڀاڻ ۾ ڪاروبار بند، ڪاروباري برادري جو ڪڙڪ ڪاروبار کولڻ جو اعلان

قلجي اسٽيشن پرسان فوتگي تان واپس ايندڙ پيرزاده برادري جي وين مان قرلٽ، تشدد، احتجاج

مخدوم بلاول ٽائي جي قورن مسافروين کي هٿياربند عورتن ۽ ٻارڙن تي زور تي روڪي مسافر کي يرغمال بڻائي ورتو

هٿياربند عورتن ۽ ٻارڙن تي تشدد ڪري هزارين روپيا روڪ، قيمتي موبائيل فونون ۽ سونا زيور قرڪري ويا

اي سيڪشن، بي سيڪشن پوليس جا ايس ايڇ اوز ۽ وومين پوليس انسپيڪٽر بينظير جمالي پهچي ڳالهيون ڪيون

دادو(ن سنڌيار) دادو ويجهو قلجي اسٽيشن لنڪ روڊ تي مخدوم بلاول ٽائي جي حد ۾ رات ڪجهه ڪلاڪ اڳاڻل قورن مسافر وين کي هٿياربند جي زور تي روڪي وين مسافر کي يرغمال بڻائي ورتو قورن وين ۾ سوار پيرزاده برادري جي عورتن ۽ مردن ونان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ميرپورماٽيلو مهينو اڳ اغوا ٿي ويل رنڪ ڪمار جي ڪيس ۾ ڏاڙيلن وٽ قيد، سماجي تنظيمن جو احتجاج

ڏهين ڏينهن به ايس ايس پي آفيس آڏو ڌرڻو جاري، مختلف سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن ڪارڪنن جي شرڪت

ايس ايس پي گهوٽڪي انور ڪيتران مغوين جي وارثن کي چوي ٿو ته پنگ پيري پنهنجا ماڻهون پاڻ آزاد ڪرايو: اڳواڻ

ضلعي گهوٽڪي جي مغوين کي بازياب ڪرائي امن امان قائم ڪيو وڃي پي صورت ۾ لڳايل ڌرڻو جاري رهندو: پتاءُ

ميرپور ماٽيلو(رپورٽ ظهير وسير) ميرپورماٽيلو: هڪ مهينو اڳ اغوا ٿي ويل رنڪ ڪمار/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ميرپورماٽيلو: اغوا ٿي ويل رنڪ ڪمار جي بازياب لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڊپٽي ڪمشنر خيرپور احمد فواد شاهه جي هدايتن تي واپارين خلاف ڪارروائي جاري

خيرپور ميرس (رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنر خيرپور سيد احمد فواد شاهه جي خاص هدايت تحت ضلعي جي اين ٽي تعلقن ۾ رمضان المبارڪ دوران /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

سن پرسان انڊس هاءِ وي تي سڪرنڊ واسي نينگر پراسرار نموني فوت، گهر ۾ ڪهرام

نينگر ساجد علي پٽ حمل مگسي جي لاش کي پوسٽ مارٽم لاءِ تعلقه اسپتال مانجهند آندو

لاش جي پوسٽ مارٽم ابتدائي طور ڊاڪٽر پاران ويهڪ جي نازڪ جڳهه تان رت اڇڻ جي تصديق

فوتي جا وارث سخت خوف ۾ ورتل هئا لاش کي جلدي ۾ ڪٽائي ويا: اسپتال جي ملازم جون ڳالهيون

مانجهند (رپورٽر: مهراڻ عمراڻي) سن پرسان انڊس هاءِ وي تي سڪرنڊ واسي نينگر پراسرار نموني فوت، گهر ۾ ڪهرام نينگر ساجد علي پٽ حمل مگسي جي لاش کي پوسٽ مارٽم ابتدائي طور ڊاڪٽر پاران ويهڪ جي نازڪ جڳهه تان رت اڇڻ جي تصديق فوتي جا وارث سخت خوف ۾ ورتل هئا لاش کي جلدي ۾ ڪٽائي ويا: اسپتال جي ملازم جون ڳالهيون تان رت اڇڻ جي تصديق وارثن ۾ خوف هراس نفسيل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

ڪشمور سکر پاران ڏپٽي ڪمشنر سان ڳڻجي ڳهنتا گهرتي قائم شڪايتي سيل جو ورو

دوڪاندار مقرر ڪيل اڳهه ڪان وڌيڪ اڳهه وصول ڪري ان خلاف شڪايت ڪئي وڃي: ڪمشنر

دوڪاندار خلاف في الفور ڪاروائي عمل ۾ آڻي ان تي ڏنڊ وڌهي سنڊس جو دوڪان سيل ڪيو ويندو

سکر(رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) ڪمشنر سکر ويزن قياص حسين عباسي ڏپٽي ڪمشنر سکر فياض احمد مهيسر سان ڳڻجي ڳهنتا گهر تي قائم/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ڌنڌو غلام حيدر پرسان ڳوٺاڻي محمد رفيق کلوڙ جي مينهن چوري ٿي وئي، پيرا ڪيا ويا

ڌنڌو غلام حيدر جي موبا ٽائي جي حد مان ڳوٺاڻي محمد رفيق کلوڙ جي مينهن چوري ٿي وئي

مشهور پيري نيڪ محمد رند جي مڊ سان چورن جا پيرا ڪٽيا ويا جيڪي پاٽاريدار جي گهر ۾ لڳا

ڌنڌو غلام حيدر(رپورٽر : ميرحسن رند) آئي جي سنڌ ڊي آئي جي حيدرآباد ايس ايس پي انٽيليجنس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ايئر ظفر ٽڪر کي ضلعي رابطا سيڪريٽري ٽيڻ ٿي مبارڪاد جو سلسلو جاري

ساس ۾ ڪاميابي ٿي سنڌ جي صوفي فنڪار فقير اعجاز خاصخيلي مبارڪ باد ڏني

مجاهد شر پريس ڪلب پدعيدن جي جنرل سيڪريٽري ممتاز ابڙو، محمد حنيف مبارڪون ڏنيون

نوشهرو فيروز(رپورٽر: منظور ملڪ) سنڌي ادبي سنگت جي اليڪشن ۾ ايئر ظفر ٽڪر کي ضلعي رابطا سيڪريٽري ٽيڻ ٿي مبارڪاد جو سلسلو جاري آهي سنڌ جي صوفي فنڪار فقير اعجاز خاصخيلي پاران مبارڪ باد ڏني دعائيا گيت گائيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ڊي ايس پي سٽي سکر پاران اهم هنڌن تي ڊيوٽي تي مقرر پوليس اهلڪارن سان اڄ اخبار

عملدار عوام جي جان و مال جي حفاظت کي يقيني بڻائڻ لاءِ هر وقت سرگرم آهن: محمد عثمان خان

جوان نه صرف ٽريفڪ جي روانيءَ کي برقرار رکن تا پر شڪي ماڻهن تي پڻ ڪڙي نظر رکي رهيا آهن: ڳالهيون

سکر(رپورٽر امداد علي گل ڪلوڙ) ڊي ايس پي سٽي سکر محمد عثمان خان ضلعي جي اهم هنڌن تي ڊيوٽي تي مقرر پوليس اهلڪارن ۽ جوانن سان گڏجي افطاري ڪئي پوليس ترجمان محمد بخش بلوچ موجب پوليس جوانن سان روزو افطار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

باگڙجي پرسان ڳوٺ جي رهواسي پاران سهولتون نه ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

ڪاشف ميمڻ پريس ڪلب آڏو پ پ اڳواڻن ۽ نمائندن جون تصويرون کڻي احتجاج ڪيو

ووٽ ڏيڻ جو چيو هو ۽ ان جي بدلي بنيادي ۽ بلدياتي سهولتون فراهر ڪرڻ جا واعدا ڪيا ويا: اڳواڻ

سکر(رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) باگڙجي پرسان ڳوٺ جي رهواسي ڪاشف ميمڻ سکر پريس ڪلب آڏو پ پ اڳواڻن ۽ چونڊيل نمائندن جون تصويرون کڻي احتجاج ڪيو ڪشف ميمڻ پريس ڪلب آڏو پ پ اڳواڻ ۽ نمائندن جون تصويرون کڻي احتجاج ڪيو پيو وڃي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ايم ظفر ٽڪر کي ضلعي رابطا سيڪريٽري ٽيڻ ٿي مبارڪاد جو سلسلو جاري

ساس ۾ ڪاميابي ٿي سنڌ جي صوفي فنڪار فقير اعجاز خاصخيلي مبارڪ باد ڏني

مجاهد شر پريس ڪلب پدعيدن جي جنرل سيڪريٽري ممتاز ابڙو، محمد حنيف مبارڪون ڏنيون

نوشهرو فيروز(رپورٽر: منظور ملڪ) سنڌي ادبي سنگت جي اليڪشن ۾ ايئر ظفر ٽڪر کي ضلعي رابطا سيڪريٽري ٽيڻ ٿي مبارڪاد جو سلسلو جاري آهي سنڌ جي صوفي فنڪار فقير اعجاز خاصخيلي پاران مبارڪ باد ڏني دعائيا گيت گائيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ڊي ايس پي سٽي سکر پاران اهم هنڌن تي ڊيوٽي تي مقرر پوليس اهلڪارن سان اڄ اخبار

عملدار عوام جي جان و مال جي حفاظت کي يقيني بڻائڻ لاءِ هر وقت سرگرم آهن: محمد عثمان خان

جوان نه صرف ٽريفڪ جي روانيءَ کي برقرار رکن تا پر شڪي ماڻهن تي پڻ ڪڙي نظر رکي رهيا آهن: ڳالهيون

سکر(رپورٽر امداد علي گل ڪلوڙ) ايس ايس پي سٽي سکر محمد عثمان خان ضلعي جي اهم هنڌن تي ڊيوٽي تي مقرر پوليس اهلڪارن ۽ جوانن سان گڏجي افطاري ڪئي پوليس ترجمان محمد بخش بلوچ موجب پوليس جوانن سان روزو افطار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

باگڙجي پرسان ڳوٺ جي رهواسي پاران سهولتون نه ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

ڪاشف ميمڻ پريس ڪلب آڏو پ پ اڳواڻن ۽ نمائندن جون تصويرون کڻي احتجاج ڪيو

ووٽ ڏيڻ جو چيو هو ۽ ان جي بدلي بنيادي ۽ بلدياتي سهولتون فراهر ڪرڻ جا واعدا ڪيا ويا: اڳواڻ

سکر(رپورٽر امداد علي گل ڪلوڙ) باگڙجي پرسان ڳوٺ جي رهواسي ڪاشف ميمڻ سکر پريس ڪلب آڏو پ پ اڳواڻن ۽ چونڊيل نمائندن جون تصويرون کڻي احتجاج ڪيو پيو وڃي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15



نوشهرو فيروز: اطلاعات ڪاتي جو ريجنل ڊائريڪٽر اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

بدين ريجهو ڳوٺ جهالار نظاماڻي جي رهواسي صديق لنڊ جو نينگر وهنجندي ٻڏي فوت

ڳوٺ جهالار نظاماڻي جي رهواسي صديق لنڊ جو پٽ شايان گهرن پرسان وهنجڻ دوران فوت ٿي ويو

لاش سول اسپتال بدين ۾ پوسٽ مارٽم لاءِ ڪٽائي پهتي ۽ ضروري ڪاروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) بدين ريجهو ڳوٺ جهالار نظاماڻي جي رهواسي صديق لنڊ جو 12 سالا پٽ شايان لنڊ ميراهه ۾ وهنجندي ٻڏي ويو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ڪشمور سکر پاران ڏپٽي ڪمشنر سان ڳڻجي ڳهنتا گهرتي قائم شڪايتي سيل جو ورو

دوڪاندار مقرر ڪيل اڳهه ڪان وڌيڪ اڳهه وصول ڪري ان خلاف شڪايت ڪئي وڃي: ڪمشنر

دوڪاندار خلاف في الفور ڪاروائي عمل ۾ آڻي ان تي ڏنڊ وڌهي سنڊس جو دوڪان سيل ڪيو ويندو

سکر(رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) ڪمشنر سکر ويزن قياص حسين عباسي ڏپٽي ڪمشنر سکر فياض احمد مهيسر سان ڳڻجي ڳهنتا گهر تي قائم/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

تنڌو غلام حيدر پرسان ڳوٺاڻي محمد رفيق کلوڙ جي مينهن چوري ٿي وئي، پيرا ڪيا ويا

تنڌو غلام حيدر جي موبا ٽائي جي حد مان ڳوٺاڻي محمد رفيق کلوڙ جي مينهن چوري ٿي وئي

مشهور پيري نيڪ محمد رند جي مڊ سان چورن جا پيرا ڪٽيا ويا جيڪي پاٽاريدار جي گهر ۾ لڳا

تنڌو غلام حيدر(رپورٽر : ميرحسن رند) آئي جي سنڌ ڊي آئي جي حيدرآباد ايس ايس پي انٽيليجنس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

جهڏو ۾ ڳوناڻن جو بااثرن جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو، نوٽيس ورڻ جي گهر

ڳوٺ اسماعيل لغاري جي رهواسين محبوب لغاري، رانجهو لغاري، محمد رمضان احتجاج ڪيو

ڪوڙو الزام هڻي ترجي بااثر وڏيري ۽ ان جي ماڻهن اسان جي هڪ نوجوان تي تشدد ڪيو، مظاهرين

پوليس وڏيري جي ماڻهوءَ جي ميڊيڪل سرٽيفڪيٽ جي آڌار تي الٽو اسان جي ٽن نوجوانن کي گرفتار ڪيو

جهڏو(رپورٽر) جهڏو ۾ ڳوناڻن جو بااثرن جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو، جهڏو لڳ ڏيهه 203 جي ڳوٺ اسماعيل لغاري جي رهواسين محبوب لغاري، رانجهو لغاري، محمد رمضان، اسماعيل لغاري ۽ ٻين وڏي انگ ۾ گڏجي تر جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04



جهڏو: ڳوٺ اسماعيل لغاري واسي بااثرن خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

خيرپور جي مشهور ۽ قديمي درگاهن

سيد يتيم شاهه درگاهه سيد داد شاهه جا

عرس پچاڻي تي پهتا

خيرپور ميرس (رپورٽر) خيرپور جي مشهور ۽ قديمي درگاهن سيد يتيم شاهه درگاهه سيد داد شاهه ۽ درگاهه خاڪي شاهه جا عرس مبارڪ پرامن طور تي اختتام پذير ٿيا درگاهه سيد يتيم شاهه جو عرس مبارڪ يتيم شاهه ڪالوني ۾ منعقد ٿيو درگاهه جي سجاده نشين سيد منور علي شاهه عرس جي تقريبن جي مڪ مهمان پيپلز پارٽي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

سنڌ سپا طرفان تنڌو محمد خان ۾ قومي ڪارڪنن جي گمشدگين خلاف احتجاجي مظاهرو

ڪارڪنن جي ڪنبي ڪٽي گم ڪرڻ جي واقعن ۽ حيدرآباد ۾ پرامن احتجاج تي تشدد خلاف مظاهرو

ڪارڪنن جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪرڻ باوجود وفاقي ۽ صوبائي سرڪار کي به نوٽيس نه ورتو آهي: اڳواڻ

تشدد ۾ ملوث اهلڪارن خلاف قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي صورت ۾ سنڌ ۾ احتجاجي مظاهرا ڪيا ويندا

تنڌو محمد خان (ڊرايو علي بروهي) سنڌ سپا طرفان تنڌو محمد خان ۾ قومي ڪارڪنن جي گمشدگين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07



تنڌو محمد خان: سنڌ سپا پاران ڪنبي گم ڪيلن جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪوٽڙي ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر پاران

رمضان المبارڪ جي حوالي سان

شهر جو اوچتو دورو

ڪوٽڙي (رپورٽر) اسسٽنٽ ڪمشنر ڪوٽڙي فيصل گل الاهي رمضان المبارڪ جي حوالي سان ڪوٽڙي شهر جو اوچتو دورو ڪري وڏيڪ اڳ رليندڙ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

لاڙڪاڻي ۾ دي يونيورسٽي آف لاڙڪانو ايمپلائيز ايسوسيئيشن طرفان پگهارون نه ملڻ خلاف احتجاج

طرفان ٽن مهينن جون پگهارون نه ملڻ خلاف يونيورسٽي ڪان ريلي ڪڍي وئي، جيڪا پريس ڪلب اڳيان پهتي

ايمپلائيز ايسوسيئيشن جي صدر سراج احمد پٺ، عبدالجبار چانديو، ساحر حسين پيچوهو، فياض حسين راڄپر خطاب ڪيو

ٽن مهينن کان وڌي بند ڪيون ويون آهن، جنهن سبب ملازمن جي گهرن ۾ فاقاڪشي واري صورتحال پيدا ٿي وئي آهي: مظاهرين

لاڙڪاڻو(رپورٽر) لاڙڪاڻي ۾ دي يونيورسٽي آف لاڙڪانو ايمپلائيز ايسوسيئيشن طرفان ٽن مهينن جون پگهارون نه ملڻ خلاف اڳيان پهتي، ڪان ريلي ڪڍي وئي، جيڪا شهر جي مختلف روڊن رستن کان ٿيندي پريس ڪلب اڳيان پهتي، جتي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

خيرپور ڪاليج آف ايگريڪلچرل انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ۾ روڊ سيفٽي بابت سيمينار منعقد

پرنسپال پروفيسر ڊاڪٽر علي رضا شاهه جي طرفان موٽروي پوليس جي تعاون سان سيمينار منعقد ٿيو

روڊ تي هلندڙ هر اهو ماڻهو جيڪو گاڏي هلائيندو هجي اهو هڪ ذميوار ڊرائيور آهي: موٽروي آفيسر سرفراز خان

ڪوچ ۾ لڳ ڀڳ 50 کان 60 مسافر سوار هوندا آهن هاڻي ان مسافرن جي زندگي انهيءَ ڊرائيور جي هٿ ۾ آهي

خيرپور ميرس (رپورٽر) خيرپور ڪاليج آف ايگريڪلچرل انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ۾ پرنسپال پروفيسر ڊاڪٽر علي رضا شاهه جي طرفان موٽروي پوليس جي تعاون/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

بدين ۾ بسترڪٽ ڪوآرڊينيشن ڪميٽي سنڌ سوشل پروٽيڪشن اٿارٽي جي پهرين ڪچاڻي

سماجي تحفظ جهڙي اهم موضوع تي شروع ڪيل پروگرام جا هاڪاري اثر نڪرندا: ڊي سي

بهتري لاءِ لاڳاپيل سرڪاري ڪاتن توڙي خانگي ۽ سماجي شعبي کي گڏيل طور ڪر ڪرڻو پوندو

موبائيل نمبر تي روڪ رقم جو ميسج اچڻ جي صورت ۾ بنا ڪٿوتي جي پنهنجي رقم وصول ڪريو

بدين (رپورٽر مرتضي ميمڻ) ڊپٽي ڪمشنر بدين عبدالفتاح هاليو جي زير صدارت بسترڪٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

بدين: ڊي سي عبدالفتاح هاليو اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

دادو ۾ بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ پوليس ۽ قورن جي ٽولي وچ ۾ فائرنگ، هڪ قورو زخمي

پوليس مقابلي ۾ مبينا هڪ قورو زخمي جنهن جي سجاٽ عبدالحميد پٺ حسين پنهور طور تي ٿي

دادو ۾ ڏوهن تي ضابطو نه اچڻ تي ايس ايس پي دادو بي سيڪشن ٿاڻي تي سعيد احمد چنڙ کي مقرر ڪيو ويو

جهانگير آرائين کان هٿياربند جي زور تي موبائيل فون، 40 هزار روڪ رقم، اي تي ايم ڪارڊ ڦري فرار ٿي ويا

دادو(ن سنڌيار) دادو ۾ بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ پوليس ۽ قورن جي ٽولي وچ ۾ فائرنگ جي نتيجي ۾ مبينا هڪ قورو زخمي جنهن جي سجاٽ عبدالحميد پٺ حسين پنهور طور تي آهي پوليس جي دعويٰ موجب عبدالحميد پنهور جو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

پورٽ قاسم جو رٽائرڊ انجنيئر گهر اندر بيدرديءَ سان ڪهي قتل، گهر مان ڪار چوري

رٽائرڊ انجنيئر پير بخش سولنگي ولد غلام حسين کي هٿياربند ڪهي قتل ڪري ڇڏيو

جوابدارن طرفان بيدرديءَ سان ڪهي قتل ڪري گهر مان ڪورولا ڪار ڪاهي ويا آهن: پٽ

گهر اندر بيدرديءَ سان قتل ڪيل انجنيئر جو لاش ڪيترائي ڪلاڪ ڪمري ۾ پيل رهيو: ذريعا

ملير(رپورٽر فاروق پنگوار) پورٽ قاسم جو رٽائرڊ انجنيئر پير بخش سولنگي گهر اندر بيدرديءَ سان ڪهي قتل، گهر مان ڪورولا ڪار به گم واقعو گهر مان ڪار چوري مزاحمت تي قتل جو لڳي رهيو آهي وارثن جو خدشو تفصيل موجب پورٽ قاسم جو رٽائرڊ انجنيئر 69 ورهين جو پير بخش سولنگي ولد غلام حسين پنهنجي گلشن حديد نمبر 16246 فيز هڪ گهر اندر جوابدارن طرفان بيدرديءَ سان ڪهي قتل ڪري گهر مان ڪورولا ڪار ڪاهي ويا آن سلسلي ۾ مقتول جي پٽ..... شق ڏيڪاريو آهي ته ڪار چوري مزاحمت تي قتل جو لڳي رهيو آهي هي طرف گهر اندر بيدرديءَ سان قتل ڪيل انجنيئر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20



*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي ***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
خميس 14 مارچ 2024ع

سنڌ ڪابينا: بهتر ڪارڪردگيءَ جي اميد ڪري سگهجي ٿي؟!

سڄي ملڪ ۾ وفاقي توڙي صوبائي سطح تي حڪومت سازي ۽ ڪابينا جي جوڙجڪ جو مرحلو پورو ٿي رهيو آهي ۽ هر هنڌ اها ئي ڳالهه نظر ۾ رکي پئي وڃي ته هن ڀيري بهتر ڪارڪردگيءَ جو مظاهرو ڪيو وڃي. چو ته هاڻي مهانگائي ۽ ٻين مسئلن جي ڪري ماڻهو اختيار ڏيڻ سان الجهي ۽ اٽڪي ٿا پون. مختلف مسئلن ۽ خراب حڪمرانيءَ عوام جي زندگي زهر ڪري ڇڏي آهي. سنڌ ۾ به ڪابينا جي جوڙجڪ جو مرحلو خيرن سان عمل ۾ اچي ويو آهي. 27 فيبروري تي سنڌ جي وڏي وزير چونڊجڻ ۽ قسم کڻڻ ڪانپوءِ ٻن هفتن جي لڳاتار ڳڻ ڳوت ۽ سوچ ويچار ڪانپوءِ ڪابينا ۾ ڏهن وزيرن کي شامل ڪيو آهي. جيڪي گهڻي ڀاڱي اڳ ۾ ئي آزمايل آهن ۽ انهن جي ڪارڪردگي به عوام ڏسي چڪو آهي. سنڌ ڪابينا ۾ شامل ڪيل وزيرن مان سيد ناصر حسين شاهه کي سنڌ سماءَ جو کاتو، سعيد غني کي مقامي ادارا ۽ پبلڪ هيلٿ، شرجيل انعام ميمڻ کي ايڪسائيز، ٽيڪسيشن ۽ ٽرانسپورٽ، عذرا پيچوهو کي صحت، سردار شاهه کي تعليم، معدنيات ۽ ڪاٽيون، ضياءالحسن لنجار کي قانون ۽ پارلياماني معاملاءِ گهرو کاتو، سردار محمد بخش مهر کي اينٽي ڪرپشن ۽ رانديون، علي حسن زرداري کي جيل کاتو، ذوالفقار شاهه کي ثقافت، سياحت ۽ نوادرات ۽ جام خان شوري کي آبپاشي کاتو ڏنو ويو آهي. ٽي صلاحڪار پڻ شامل ڪيا ويا آهن. سنڌ ڪابينا ۾ شامل ڪيل 10 مان 9 وزيرن کان گورنر ڪامران ٽسوري حلف کڻايو، جڏهن ته هڪ وزير باتدبير ذوالفقار علي شاهه ٻهرئين ئي ڏينهن پهچي نه سگهيو ۽ اهو اڄ حلف کڻندو.

هوندئن ته سڄي ملڪ ۾ گورننس جو حال پورو سارو آهي پر سنڌ ملڪ جي سڀني صوبن کان حڪمرانيءَ جي خراب معيار وارو پنهنجو اعزاز برقرار رکندي اچي. هن ڀيري ڪارڪردگيءَ جي حوالي سان سنڌ حڪومت جي ڇتا ڀيٽي پنجاب جي وزير اعليٰ مريم نواز ۽ ڪي پي ڪي جي وڏي وزير علي امين گنڊاپور سان رهندي. سنڌ ۾ هن ڀيري ته اپوزيشن آهي ئي ڪونه. سڀ پنهنجا پاڻ ۾ آهن. جنهنڪري گورننس جي حوالي سان حڪمران جماعت کي اسيمبلي ۾ قانون سازي کان وٺي اهم فيصلن تائين ڪنهن به مزاحمت جو منهن ڏسڻو نه پوندو. سٺي حڪمرانيءَ لاءِ سگهاري اپوزيشن جو ڪردار اهم هوندو آهي ۽ جڏهن اپوزيشن طاقتور نه هجي، يا اپڻ ڪٿي ڇڻجي ته هجي ئي نه. اهڙي صورتحال ۾ نه فيصلن تي تنقيد ٿيندي ۽ نه ئي ڪوچڻ آڏو وارو هوندو. نه وري ڪو احتساب ٿيندو. سنڌ ڪابينا ۾ گهڻي ڀاڱي ساڳيا ماڻهو آهن. جن جي ڪارڪردگيءَ سبب سنڌ کي توڙي سنڌ جي عوام کي ڪو گهڻو فيض پلئه نه پيو ۽ چوٿون ڀيرو وڏي اڪثريت سان چونڊجي اچڻ جو مطلب هرو ڀرو اهو به ڪونهي ته عوام مينڊيٽ جو بلينڪ چيڪ ڏيئي ڇڏيو آهي! هن ڀيري پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري طرفان ڪابينا جي جوڙجڪ ۾ دلچسپي وٺڻ ڪانپوءِ اها اميد پيدا ٿي آهي ته وزيرن جي ڪارڪردگيءَ جو احتساب ضرور ٿيندو ۽ انهن کي پهچائي جي مرحلي مان ضرور گذاريو ويندو. جڏهن اليڪشن مهم دوران اهي ئي (اڳوڻا) وزير ۽ اليڪشني اميدوار عوام وٽ ووٽ لاءِ ويا ته انهن مان ڪيترن کان سندن ڪارڪردگيءَ بابت سخت پڇاڻا ٿيا. ان ڪري هن ڀيري اها ڳالهه ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته عوام کي پنهنجي ڪارڪردگيءَ سان رليف ڏيڻو پوندو، چو ته هاڻي سحر انگيز نعرن جي ڦڪي گهڻي وقت تائين وڪامي نه سگهندي.

هن وقت سنڌ ۾ جيڪا امن امان جي خراب حالت آهي. اها صرف چند مهينن جو نتيجو نه پر گذريل اقتداري مدن جو تسلسل آهي. ان ڪانسواءِ سنڌ حڪومت کي سنڌ جي پاڻيءَ، ناڻي، زمينن، معدنيات ۽ ٻين وسيلن جي تحفظ لاءِ اڏول ٿي بيهڻو پوندو. گذريل دور ۾ خود ڪارونجهر جي حوالي سان پ پ حڪومت جي وزير با تدبير جو ڪردار به سوالن هيٺ رهيو پر پوءِ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ڪارونجهر جي تحفظ جي ڳالهه ڪئي ته ڪجهه اميد پيدا ٿي ۽ اسان کي اميد آهي ته هن اقتداري مدي ۾ پيپلز پارٽي جي حڪومت سنڌ جي معدنيات جي حوالي سان پنهنجي گذريل پاليسي تبديل ڪندي. سنڌ جي وڏي وزير نگران دور ۾ ٿيل تڪراري فيصلن کي رد ڪرائڻ جو پڻ واعدو ڪيو آهي ۽ اميد رکي سگهجي ٿي ته، پنهنجن ڪيل انهن واعدن جو پرم رکيو ويندو.

فارم 47، اليڪشن جون الجبرائون ۽ حساب ڪتاب

رياض ابڙو

8 فيبروريءَ جي عام چونڊن جي نتيجن کي هيل تائين جي ٿيل عام چونڊن مان سڀ کان وڌيڪ تڪراري قرار ڏنو ويو آهي، توڙي جو اليڪشن ڪميشن جي ايڪٽ تحت ٿيل فارمن ۾ مسلسل تضاد سامهون آيو آهي، رڳو ان سبب جي ڪري ڪنهن به سياسي ۽ مذهبي پارٽيءَ انهن عام چونڊن کي ايماندارانا ۽ شفاف چونڊون قرار ناهي ڏنو ماسوا انهن سياسي جماعتن جي جيڪي ڪوڙي ۽ جعلي ميڊيٽ تي ڪرسيون سنڀالي ويهي رهيا آهن.

حقيقي طور تي 2017 جي عام چونڊن جي ايڪٽ موجب به فارم هوندا آهن، مثال فارم 45 هر پولنگ اسٽيشن تي پرزائيڊنگ آفيسر وٽ هوندو آهي، جنهن تي هر پولنگ اسٽيشن تي اميدوارن کي پيل ووٽن جي ڳڻپ جو نتيجو لکيو ويندو آهي ۽ فارم 47 هڪ تڪ جي سڀني پولنگ اسٽيشنن جي ووٽن جي ڳڻپ جي نتيجن جو عارضي گڏيل فارم (بيان) هوندو آهي جيڪو لاڳاپيل رٽرننگ آفيسر (RO)پاران تيار ڪيو ويندو آهي، جنهن ۾ تفصيل سان اهي سڀ نتيجا لکيا ويندا آهن ان کان اڳ ڳڻپ ۾ حاصل ڪيل پوسٽل بيلٽس شامل هوندا آهن، جن جي ڳڻپ ڪري حساب ڪتاب ڪيو ويندو آهي ته ڪنهن کٽيو ۽ ڪنهن هارايو ان کان علاوه ٻيا لاڳاپيل فارم به هوندا آهن، جهڙوڪ هر پولنگ اسٽيشن جو بيلٽ پيپر اڪائونٽ فارم 46 تي داخل ڪيو ويندو آهي، پرزائيڊنگ آفيسرن پاران پيش ڪيل ڳڻپ جي نتيجن جو گڏيل فارم بشمول پوسٽل بيلٽس جي ڳڻپ فارم 48 ۽ حتمي گڏيل نتيجا فارم 49 تي لکيا ويندا آهن، جيڪو فارم اليڪشن ايڪٽ 2017 تحت چونڊن جي شفافيت ۽ ايمانداريءَ جي ضمانت ليکيو ويندو آهي، جيڪو چونڊ نظام جي ريڙهه جي هڏي هوندو آهي، جنهن تي اعتبار ڪري سگهجي ٿو

بنيادي طور يا ٿلهي ليکي تي فارم هوندا آهن، جيڪي چونڊ عمل جي سالميت کي برقرار رکندا آهن يا انهن جي شفافيت جا ضامن هوندا آهن (خاص طور تي اهي پولنگ واري ڏينهن مهيا ڪيا ويندا آهن) ڀهريون ته فارم 45 کان 49 ۾ درج ٿيل معلومات جي درستگي هوندي آهي. جيڪڏهن فارم 45 ۾ موجود بنيادي معلومات ۾ خاميون هونديون آهن يا واضح غلطيون ۽ ڪوتاهيون هونديون آهن جهڙوڪ: آر او طرفان صحيح طريقي داخلا نه ڪئي ويندي آهي، پوءِ فارم 45 ۾ پڻ اهي غلطيون ۽ سڀ امڪان به هوندا آهن ته اهي غلطيون ٿي سگهن ٿيون، جن جي نتيجي ۾ حلقن جا غلط نتيجا ڏنا ويندا آهن. جيتوڻيڪ هر پولنگ اسٽيشن تي پرزائيڊنگ آفيسر ۽ سينيئر اسسٽنٽ پرزائيڊنگ آفيسر ٻنهي لاءِ لازمي هوندو آهي ته هو ٻنهي فارمن تي دستخط ڪن ۽ آڱر اکرن جو انداز لڳائن. مثال ووٽرن جي سي اين آءِ سي (شناختي ڪارڊ) نمبرن کي رڪارڊ ڪرڻ ۽ تصديق ڪرڻ ته انهن مڪمل ٿيل فارم جي جانچ ۽ تصديق ڪئي آهي يا نه. فارم 45 ۾ عام طور تي ڪيترين ئي غلطيون هونديون آهن ۽ ڪجهه ڪيسن ۾ انهن لاڳاپيل آفيسرن جا دستخط به غائب هوندا آهن. قانون ۾ اهو به چيو ويو آهي ته مڪمل ٿيل فارم 45 تي اميدوارن جي پولنگ ايجنٽن جي دستخط به هجن پر 2018 جي اليڪشن ۾ اليڪشن ڪميشن جي ويب سائيٽ تي اپ لوڊ ڪيل 90 سيڪڙو فارمن ۾ ڪنهن به پولنگ ايجنٽ جي دستخط موجود نه هئي، جنهن سبب فارم جي اعتبار تي سوال اٿاريا ويا.

2024 جي اليڪشن ۾ فارم 45 جي اهڙي چندڇاڻ اجان ٿيڻي آهي، چو ته فارم اجان تائين اليڪشن ڪميشن جي ويب سائيٽ تي اپ لوڊ نه ڪيا ويا آهن. پولنگ جي سالميت جو ٻيو سبب يا نقطو اهو به آهي ته سڀني اميدوارن ۽ سياسي پارٽين سان سندن پولنگ ۽ اليڪشن ايجنٽن ذريعي معلومات شيئر ڪرڻ آهي ۽ ان ڪانپوءِ جلد ٿي ميڊيا ۽ عوام سان به اهي صحيح ۽ سالم نتيجا شيئر ڪيا آهن. مڪمل شفافيت کي يقيني بڻائڻ لاءِ اليڪشن ايڪٽ 2017 موجب هر اميدوار جي پولنگ ايجنٽ کي فارم 45 جي هڪ تصديق ٿيل ڪاپي ڏني ويندي آهي. حقيقت ۾ قانون جي اها به گهر آهي ته فارم 45 جي ڪاپي هر اميدوار جي پولنگ اسٽيشن پاهران پيسٽ ڪئي معني لڳائي وڃي ته جيئن عوام به اهو ڄاڻي سگهي ته هن پولنگ اسٽيشن تي ڪنهن کٽيو 2018 جي چونڊن جي برعڪس جڏهن پولنگ واري ڏينهن سڀ کي عام شڪايت اها به هئي ته پولنگ ايجنٽن کي پولنگ اسٽيشنن تي ووٽن جي ڳڻپ کان ٻاهر رکيو ويو هو ۽ انهن مان ڪيترن کي مبينا طور تي فارم 45 جي دستخط ٿيل ڪاپيون نه ڏنيون ويون، پر نمائندن جون اهڙيون ڪيتريون ئي شڪايتون نه ٻڌيون ويون.

پولنگ جي ڏينهن جي سالميت جي اعتبار کان ٽيون اهم نقطو اهو به آهي ته انهن فارمن ۾ موجود معلومات جي حصيداري ۽ نتيجن جو اعلان بروقت ڪرڻ گهربو هيو ان ۾ ڪا به رعايت يا دير ڪرڻ ضروري نه هئي پر اهي نتيجا تڪڙ ۾ اعلان ڪيا وڃن هان. اهو نتيجن جي اعلان وارو واعدو طئي ٿيل قانوني ٽائيم لائن تائين رهي ٿو ڪجهه ملڪن جهڙوڪ هندستان ۾ ووٽن جي ڳڻپ جو هڪ نظام آهي ۽ چونڊن جي نتيجن جو اعلان پولنگ جي هڪ ڏينهن يا هڪ هفتي ڪانپوءِ به ٿيندو آهي ۽ اهو انهن لاءِ سلو ٿي سگهي ٿو چاڪاڻ ته اهي ادارن تي اعتبار ڪن ٿا ۽ ادارا اتي صحيح ۽ سالم ڪم ڪري ٿا ڏيکارين. اهڙو اعتبار يا ڀروسو تڏهن ٿيندو جڏهن سمجهوتو ڪرڻ پارٽي عام چونڊن جي شفافيت جو نمونو به هوندو آهي چاڪاڻ ته انهن جي اليڪشن ڪميشن قانوني وقتن تي اهي شفافيت وارا سوال ۽ مونجهارا به پُر ۽ پورا ڪري ٿي، ۽ نمائندا ان شفافيت تي به سوال نه ٿا اٿارين. پر انهن وٽ به ساڳو الميو هيو جو جڏهن انهن "اي وي ايم" جو استعمال ڪيو هيو، تڏهن انهن سان به اهڙي ويڻ تي جو انهن جي ٽيامافيا سياسي ڌرين به اليڪشن جي گاڏين کي ڦري لٽي انهن مشينن جي جاءِ تي پنهنجون مشينون رکي هليا ويا هيا ۽ جيڪي مشينون رکي ويا هيا انهن ۾ انهن نمائندن جي کٽ جو نتيجو "فيڊ" ٿيل هيو ۽ اهي مشينون هنن عملي وارن پارٽي وارن اليڪشن ڪميشن وٽ جمع ڪرايون هيون، جيڪو حشر هنن 2019 واري عام چونڊن ۾ ان "اي وي ايم" مشين جي استعمال سان ڀوڳيو، ان ڪري اهي پارٽي اليڪشن ڪميشن واريون مشينون هنن عملدارن کي پوءِ گند جي ڍير تان مليون هيون ۽ جيسٽائين جنهن کي کٽڻو هيو اهي هارائي ويا هيا ۽ جنهن کي هارائڻو هيو اهي کٽي ويا هيا. ان ڪري اهي "اي وي ايم" وارا تجربا يورپي ملڪن ۾ به ناڪام ويا آهن ۽ ڀارت جهڙي ملڪ ۾ به جيڪي "آءِ ٽي ٽيڪنالاجي" ۾ اسان کان ڪوهين اڳتي آهن.

پاڪستان ۾ اليڪشن جي قانون ۽ ضابطن ۾ نهيل پنهنجي مخصوص پولنگ ٽائيم لائنز آهن ۽ اهڙين قانوني شقن جي ڀڃڪڙي ڪرڻ سان چونڊن جي ساک تي سخت اثر پون ٿا. اليڪشن ايڪٽ جي سيڪشن 13(3) ۾ شق واضح طور تي چونڊ نتيجن جي اعلان جي ٽائيم لائن کي واضح ڪري ٿو، جنهن مطابق هر آر او پولنگ واري ڏينهن جي فوري طور تي صبح 2 وڳي تائين مڪمل عبوري نتيجا مرتب ڪرڻ جو پابند آهي. جيڪڏهن ڪنهن به سبب جي ڪري اهو ممڪن نه آهي ته آر او مڪمل طور تي فوري نتيجا موڪليندو، پر 10 وڳي ڪانپوءِ نه. چاڪاڻ ته تقريبن سڀني 859 ريٽرننگ آفيسرن ٽائيم لائن جي ڀڃڪڙي ڪئي ۽ مڪمل عارضي نتيجن جو اعلان نه ڪيو آخري وقت کان 48 ڪلاڪ گذرڻ باوجود اليڪشن جي شفافيت تي سنجيده سوال اٿاريا پئي ويا. اليڪشن ايڪٽ جي سيڪشن 95(8) ۽ (10) ۾ شفافيت ۽ نتيجن جي اعلان جي بروقت نظام جو هڪ ٻيو اهم پاسو واضح طور تي بيان ڪيو ويو انهن قانوني شقن ۾ مطالبو ڪيو ويو ته "ڪميشن چونڊ جي تاريخ کان 14 ڏينهن اندر دستاويز پنهنجي ويب سائيٽ تي شايع ڪري. قانون ۾ ڏنل دستاويزي فارم 45، 46، 48 ۽ 49 آهن. جيئن ته اليڪشن ڪميشن طرفان پنهنجي ويب سائيٽ تي دستاويز اپ لوڊ ڪرڻ ڪانسواءِ 14 ڏينهن جي مهلت 22 فيبروري تي ختم ٿي وئي آهي، پر هڪ ٻي سنگين قانوني خامي پيدا ٿي آهي، جنهن ۾ وڌيڪ خرابي ٿيندي نظر اچي رهي آهي. چونڊ عمل جي سالميت ۽ اعتبار جو تصور سبب لڳي ٿو ته اليڪشن ڪميشن کي اهڙن ناڪاري تاثرن کي منهن ڏيڻ لاءِ گهڻي وضاحت ڪرڻي پوندي.

هن ڀيري پولنگ واري ڏينهن جي حوالي سان سڀ کان وڌيڪ شڪايتون پولنگ اسٽيشنن سان لاڳاپيل هيون، جتي اڪثر پولنگ ايجنٽن کي مڪمل فارم 45 نه مليو ۽ نه ئي انهن سان ڪنهن طرح بحث هيٺ آندو ويو هن ڀيري آر اوز جي آفيسن ۾ ٽينڊر ڪارروائيءَ بابت گهڻيون شڪايتون آيون، جتي مبينا طور تي ڪيترن ئي اميدوارن ۽ انهن جي ايجنٽن کي فارم 47 تيار ڪرڻ جي عمل دوران گڏ ٿيڻ جي اجازت نه ڏني وئي، جنهن جي نتيجي ۾ ڪيترن ئي اميدوارن جي انگن اکرن جي وچ ۾ وڏي اختلاف جي خبر پئي. ووٽرن ۽ اميدوارن کي پڪ هئي ته ووٽ فارم 45 ۾ رڪارڊ ڪيا ويا آهن ۽ جيڪي بعد ۾ فارم 47 ۾ داخل ڪيا ويا آهن. پر اهي شيون نه ڪرڻ جي ڪري هڪڙو وڏو تڪرار انهن ٻن شڪلن جي وچ ۾ مبينا فرق جي چوڌاري ڦرندو رهيو. ڪيترن ئي اميدوارن جي زوريءَ اليڪشن هارائڻ جو اعلان ڪيو ويو. انهن شڪايت ڪئي ته انهن جي حاصل ڪيل ووٽن جو تعداد ۽ فارم 45 تي درج ٿيل ووٽن جو مجموعي تعداد فارم 47 ۾ ڏيکاريل ووٽن سان برابر نه آهي. اهي شڪايتون فارم 47 ۾ موجود معلومات جي درستگي ۽ استحڪام جي عمل جي شفافيت بابت سنگين سوال اٿارين ٿيون، جيڪي چونڊن جي اعتبار کي شڪي بڻائين ٿيون.

2024 جي اليڪشن ۾ فارم 45 جي اهڙي چندڇاڻ اجان

ساٿَرِ صِحتَ سُپِرِين، آهي نـه آزارُ؛
مجلسَ ويرَ مِنو ٿئي، ڪوٺيندي ڦهارُ؛
خَنجرُ تنهن خُوب هٽي، جنهن سين ٿئي يارُ؛

رمضان المبارڪ جو پلارو مهينو ۽ رليف پيڪيج جا سڪڻا اعلان

اعجاز منگي

رمضان المبارڪ 1445هه جو آغاز ٿي چڪو آهي مسلمان لاءِ هي نهايت افضل ۽ عبادت جو مهينو آهي. هي مهينو روزن سان منسلڪ آهي جنهن جي ڪري هن مهيني کي وڏي فضيلت حاصل آهي ماهِ رمضان المبارڪ برڪتن ۽ رحمتن جي نزول جو مهينو آهي خاص ڪري انهن لاءِ جيڪي رمضان المبارڪ جو پورو پورو حق ادا ڪن ٿا. روزو اها خاص عبادت آهي. جنهن ۾ انسان جو روح پاڪ ۽ جسم چاڪ و چوبند ۽ تندرست رهي ٿو. ڪجهه به کائڻ سان جسم جي اندر اهڙا اينٽي وائرس پيدا ٿين ٿا، جيڪي بيمارين واري وائرسن کي ختم ڪري ڇڏين. ۽ روزي جي بدولت عبادت رياضت ۽ ٻڻ گناهن کان بچجي ٿو. هن سان انسان جو روح پاڪ و پاڪيزه رهي ٿو انسان الله پاڪ جي ويجهو رهي ٿو ۽ شيطان کان پري رهي ٿو پوري مسلم دنيا هن مهيني جي اهميت ۽ فضيلت کي بيان ڪري ٿي پر عملي ميدان ۾ اسان جي ملڪ ۾ هن مهيني کي ڪمائيءَ جو مهينو قرار ڏيئي عام واهپي جي شين جا اگهه ٻيڻا ڪيا وڃن ٿا مون سوشل ميڊيا تي رمضان المبارڪ جي استقبال جو عجيب واقعو پڙهيو ته اتر عراق جي شهر "موصل" سان تعلق رکندڙ جنرل اسٽور جي مالڪ "مويد الميزان" رمضان المبارڪ جي استقبال ۾ پنهنجي "قرض جي ڪاپي" ساڙي ۽ پنهنجي تمام قرضي ڪسٽمرز کي قرض معافي ڪري ڇڏيو آهي "مويد الميزان" جو چوڻ آهي ته پنهنجي قرض جي ادائگي جي لاءِ ڪوبه ڪسٽمر منهنجي دڪان جو رخ نه ڪري چو ته رمضان المبارڪ جو مهينو معافي تلافي جو مهينو آهي مان توهان کي قرض معاف ٿو ڪيان جيئن مون کي به معاف ڪري ۽ توهان قرض جي بوجهه کان هلڪا ٿي ڪري بالڪل سڪون سان جي عبادت ڪري سگهو ٿي سگهو ته مون کي به پنهنجي دعائن ۾ ياد رکو!!

پر اسان وٽ پاڪستان ۾ رمضان ايندي ئي ضروريات زندگي جي شين جي ذخيره اندوزي ڪري چاليءَ واري ريت چاڙهيا ويندا آهن ۽ ماهه مبارڪ رمضان کي رحمت جو مهينو سمجهڻ بجاءِ "غريب ماڻهن" کي لٽڻ ۽ ڦرڻ جو مهينو سمجهيو ويندو آهي! عوام حڪومت مان اميد رکندو آهي ته هن مهيني گهٽ ۾ گهٽ مهانگائيءَ مان جان ڇڏائي ۽ پنهنجي اولاد کي به ويلا ماني سڪون سان کارائي سگهبي روزيدارن لاءِ شيون سستي اگهه تي ملنديون چو ته ملڪ تي ٻن خاندانن جي مسلط ٿيل حڪومت وري جڙي چڪي آهي ۽ حصه پتي تي ملڪ جون واڳون سنڀالي مهانگائي کي پنجوڙڻ لاءِ قدم کڻندا چو ته هاڻي تازو عوام سان وعدا ڪري ووٽ ورتا آهن

ماهه مبارڪ رمضان جو چنڊ ڏسندي ئي ٻيو ڀيرو چونڊيل وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته مهانگائي حڪومت لاءِ سڀ کان وڏو چئلينج آهي، اشرافيا کي ملندڙ سبسڊي ختم ڪرڻي پوندي. وفاقي ڪابينا جي اجلاس کي خطاب ڪندي وزيراعظم شهباز شريف هدايت ڪئي ته کاڌي پيتي جي شين جي قيمتن تي ڪنٽرول لاءِ فوري ڪميٽي قائم ڪئي وڃي. ڪابينا جو چوڻ آهي ته ڪميٽي صوبائي حڪومتن جي سهڪار سان کاڌي پيتي جي شين جي قيمتن جي سخت نگراني ڪندي. وزيراعظم ضروري شين جي قيمتن ۾ غير ضروري واڌ ۽ ناجائز منافعو خورن خلاف سخت ڪارروائي جي سخت هدايت ڪئي ۽ چيو ته منافع خورن خلاف سخت ڪارروائي ۾ ڪنهن به قسم جي غفلت برداشت نه ڪئي ويندي. وفاقي ڪابينا جي پهرين اجلاس کي خطاب ڪندي وزيراعظم چيو ته غريب ماڻهو مهانگائي جي بار هيٺان دٻجي ويو آهي، اشرافيه کي سبسڊي ڏيڻ جو ڪو جواز ناهي. هن چيو ته اسان جي گڏيل حڪومت ملڪ کي ڏيوالپڻي کان بچايو، وفاقي حڪومت رمضان المبارڪ ۾ 12 ارب روپين جو رليف پيڪيج ڏنو موبائل يوٽيلٽي اسٽور ٻيهر شروع ٿي رهيا آهن. بي آءِ ايس پي تحت اضافي ڪيش ڏنو پيو وڃي. شهباز شريف چيو ته بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ۾ اضافي رقم ڏني پئي وڃي، قوم کي سڀ کان وڏو چئلينج مهانگائي آهي. مهانگائي گهٽ ڪرڻ اسان جو پهريون امتحان آهي. غريبن کي رليف ڏيڻ لاءِ ڀرپور ڪوششون ڪرڻيون پونديون. وزيراعظم چيو ته ملڪ ۾ قيمتن تي ضابطو صوبن سان گڏ ڪنداسين. آڱرين تي ڳڻڻ جيتري اشرافيا 90 سيڪڙو وسيلن تي قابض آهي، انهن کي سبسڊي جو ڪو جواز ناهي. گئس ۽ بجلي جو گردشي قرض 5 هزار ارب رپيا آهي، پگهارون به قرض وٺي ڏئي رهيا آهيون هول سيلرز غائب ۽ ننڍا وڪرو ڪندڙ جدوجهد ڪري رهيا آهن. عالمي ادارا چون ٿا ته ريزڪي ڪاروبار ڪندڙن تي ٽئڪس لڳايو اهي پنهنجي جاءِ تي پر ٻڌي ڪاروبار وارا ڪاڏي ويا. وزيراعظم جي اعلان ٻڌندي ئي واپارين ڪن لاٿا ڪندي شين جا اگهه آسمان تي چاڙهي ڇڏيا نالي ماتر رمضان پئڪيج ساڍا ارب مان وڌائي 12 ارب ڪرڻ باوجود عوام مٿان مهانگائيءَ جو بم ڪيرايو ويو ان مهانگائيءَ کي روڪڻ ڪنهنجي زميواريءَ ۾ شامل آهي هن وقت ڀاڄين جي قيمتن ۾ 100 سيڪڙو اضافو ڪيو ويو آهي پٽاٽا 80 روپيه ڪلو بصر 300 روپيه ڪلو ٽماٽا 200 روپيه في ڪلو جڏهن ته ڦروٽ غريب جي وٺڻ کان تمام پري ٿو هر ضلعي جي ڊي سي نمائش طور ريٽ لسٽ دڪان تي لڳائي ڇڏي آهي پر ان جي باوجود غريب کي ڪوبه فائدو ڪونهي سرڪار جا رليف رڳو ڪاغذن تائين محدود آهن جيڪڏهن عوام کي هن پلاري مهيني ۾ عملي طور فائدو نه ٿا رسائي سگهن ته پوءِ اهڙا اعلان چو ٿا ڪن هر ڊي سي پنهنجي پنهنجي ضلعي ۾ وزيراعظم جي رليف پئڪيج کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ سرگرم ٿي وڃن ۽ ذخيره اندوزي ڪندڙن خلاف بي رحمانه ڪارروائي ڪري عام واهپي جي شين جي اگهن تي ڪنٽرول ڪن ته عوام هن مقدس مهيني جي رحمتن ۽ برڪتن کي حاصل ڪري وٺندو

بقايا 01

ڪئي وئي. منهنجو سڀ اڳڪٿيون سچ ثابت ٿيون، هاڻي چئي رهيو آهيان ته پاڪستان ۾ سريلنڪا وارو ڪم ٿيڻ وارو آهي. هاڻي مهانگائي وڌندي ۽ عوام روڊن تي هوندو. عمران خان چيو ته ڪا به ڊيل ناهي ٿي رهي. وڪيلن سان ٿي ملاقات بند ڪئي وئي آهي هن چيو ته پرامن احتجاج جو سلسلو جاري رهندو. اسان چونڊ نتيجن خلاف سپريم ڪورٽ به وينداسين. پي ٽي آءِ باني چيو ته سينيٽ چونڊ ۾ وري پئسو هلندو. گذريل سينيٽ چونڊن ۾ گيلاني جو پٽ پڪڙيو ويو. ڪيس اڄ تائين سزا ناهي ملي. سندس چوڻ هو ته سڀ ڪجهه ڪرڻ جي هلي رهيو آهي، چونڊون ڪوڙيون هيون. سيڪيورٽي ٿريٽ جو چيو پيو وڃي، اهو به ڪوڙ آهي.

بقايا 02

، وزيراعظم شهباز شريف جي هدايت تي يوٽيليٽي اسٽورز ڪارپوريشن اسٽورز جو وقت وڌائي ڇڏيو ذريعن جو چوڻ آهي ته يوٽيليٽي اسٽورز هاڻي افطاري ڪانپوءِ رات 10 وڳي تائين کليل رهندا. هدايتن تي عملدرآمد لاءِ زونل ۽ جنرل مئنيجرز کي حڪم جاري ڪيا ويا آهن. ان ڪانسواءِ يوٽيليٽي اسٽورز ملازمن کي روزاني بنياد تي پنج سئو رپيا افطاري الائونس پڻ ملندو.

بقايا 03

کي نقصان پهچائي رهيا آهن. سندس چوڻ هو ته جيڪڏهن سياسي مقصدن خاطر نقصان پهچائڻ چاهن ٿا ته اهو سندن خيال آهي. ٻهريان به آءِ ايم ايف سان ڊيل کي متاثر ڪرڻ جو پروگرام پي ٽي آءِ ناهيو. سنڌ سماءَ واري وفاقي وزير عطا تارڙ چيو ته پي ٽي آءِ باني جي ڪوشش هئي ته ملڪ ڏيوالي جو شڪار ٿي وڃي. پي ٽي آءِ باني جي ڪوشش هئي ته هتي سيڙپڪاري اچڻ بند ٿي وڃي. شهباز شريف ذاتي دلچسپي سان ڳالهيون طئي ڪيون ۽ ملڪ بچي ويو پي ٽي آءِ ملڪ کي ڏيوالو ڪرڻ ۾ ڪا به ڪسر نه ڇڏي هئي. هن چيو ته پي ٽي آءِ ترجمان رئوف حسن چيو ته ڪيس جيل مان هدايت ملي آهي ته آءِ ايم ايف کي خط لکو. پاڪستان جي رياست ۽ قومي مفاد جو تحفظ سندن اولين ذميواري آهي. معيشت کي ٺيڪ ڪرڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن. سنڌ سماءَ واري وفاقي وزير چيو ته وزيراعظم روزانو 3 کان 4 اجلاس رڳو معيشت جي بحالي لاءِ ڪندو آهي. هڪ سياسي پارٽي کي پنهنجي ذات کان اڳتي ڪجهه نظر نٿو اچي. ڪين معيشت جي بحالي ۾ ڪا به دلچسپي ناهي. عطا تارڙ چيو ته يورپي يونين سان رابطو ڪري رهيا آهن. پاڪستان کان جي ايس پي پلس وٺندا. اسٽيٽس آهي ته رهيو مستحڪم ٿيندو. هو چاهن ٿا ته رهيو پاڪستان ۾ مستحڪم نه ٿئي. ايڪسپورٽ نه ٿيڻ گهرجي. صنعت بند ٿيڻ گهرجي. هي مطالبو تحريڪ انصاف طرفان ڇو ڪيو پيو وڃي؟ سنڌ سماءَ واري وفاقي وزير عطا تارڙ چيو ته ملاقاتن تي پابندي رڳو اڊيالا جيل ۾ ناهي لڳائي وئي. اڊيالا، ميانوالي ۽ ڊيرا غازي خان جيلن جي آڊٽ ڪئي پئي وڃي. ايتري ڳالهه تي يورپي يونين کي چيو ويو ته جي ايس پي پلس اسٽيٽس واپس وٺو. سندس چوڻ هو ته هي اهي ئي ماڻهو آهن جن 9 مئي جو سانحو ڪيو. قائداعظم جو گهر ساڙيو. اوهان چئو ٿا آءِ ايم ايف پاڪستان کي قرض نه ڏي. هو چون ٿا ملڪ کي اڳتي وڌايون. توهان سائفر ڦوڪايو ۽ چيو هو ته سائفر نه هو. اوهان سياسي مفاد کي اوليت ڏيو ٿا ۽ قومي مفاد جي پرواهه نٿا ڪريو سنڌ سماءَ واري وفاقي وزير عطا تارڙ چيو ته اهو ڪوڙ آهي ته جيل ۾ سهولتون نه ٿيون ڏنيون وڃن. اهڙيون سهولتون ڪنهن به قيدي کي ناهن جهڙيون پي ٽي آءِ باني کي آهي. جيڪڏهن وڌيڪ سهولتون چاهيو ٿا ته عدالتن سان رابطو ڪريو. پنجاب حڪومت ٽن جيلن جو سيڪيورٽي آڊٽ ڪري رهي آهي، توهان صبر ڪريو توشه خانا، سائفر ۽ ٻين ڪيسن ۾ توهان ڪي سزا ٿي.

بقايا 04

ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم شهباز شريف وزيراعظم هائوس اچڻ تي خيبرپختونخواهه جي وڏي وزير جي آجيان ڪندي چيو ته چارئي صوبا وفاق جون اڪائيون آهن. چار ئي صوبا گڏجي هلندا ته ملڪ ترقي ڪندو. خيبرپختونخواهه جي وڏي وزير علي امين گنڊاپور وزيراعظم کي خيبرپختونخواهه صوبي جي انتظامي معاملن تي تفصيلي طور تي آگاهه ڪيو. وزيراعظم چيو ته ملڪ جي معاشي صورتحال کي نظر ۾ رکندي خيبرپختونخواهه جا سمورا جائز مطالبا پورا ڪيا ويندا. هن چيو ته اسان کي گڏجي ويهي سمورن مسئلن جو حل ڪڍڻو پوندو، اسان جي سمورين گڏيل ڪوشش ۾ عوامي ڀلائي اولين ترجيح هوندي. وزيراعظم چيو ته وفاقي حڪومت چئني صوبن بشمول خيبرپختونخواهه سان هم آهنگي سان ڪم ڪرڻ ۽ رابطا مضبوط بڻائڻ تي يقين رکي ٿي. خيبرپختونخواهه جي وڏي وزير پڻ ان عزم جو اظهار ڪيو ته خيبرپختونخواهه جي حڪومت سٺي نيت سان اڳتي وڌڻ چاهي ٿي ۽ ملڪي ترقي ۾ پنهنجو مثبت ڪردار ادا ڪرڻ جي لاءِ پرعزم آهي. ان موقعي تي پرڏيهي وزير اسحاق ڊار، دفاع وارو وفاقي وزير خواجه محمد آصف، منصوبابندي ۽ ترقي وارو وفاقي وزير احسن اقبال ۽ رياستي ۽ سرحدي معاملن واري وفاقي وزير امير مقام ۽ اعليٰ سرڪاري آفيسر پڻ موجود هئا. علي امين گنڊاپور ملاقات دوران وزيراعظم شهباز شريف کان خيبرپختونخواهه ۾ شهاب علي شاهه کي نئون چيف سيڪريٽري مقرر ڪرڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو ڪي پي ڪي جي وڏي وزير طرفان وزيراعظم شهباز شريف کان ٻين صوبن جيان خيبرپختونخواهه کي به فنڊ ڏيڻ جو مطالبو ڪيو ويو. ٻڌايو پيو وڃي ته اهم ملاقات ۾ وزيراعظم ۽ ڪي پي ڪي جي وڏي وزير وچ ۾ مختلف سياسي معاملن تي به ڳالهيون ڪيون ويون.

بقايا 05

ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي ته سنڌ سماءَ واري وزير جي پريس ڪانفرنس ڪوڙ ۽ الزام بازي ڪانسواءِ ڪجهه ناهي. زبردستي ملڪ تي قابض ٿيندڙ ٻين کي حب الوطني جو درس ڏئي رهيا آهن. ترجمان چيو ته تحريڪ انصاف پاڪستان جي مقبول ترين جماعت آهي جيڪا سڀني اڪائن جي نمائندگي ڪري ٿي. يورپي يونين کي ڪو خط ناهي لکيو ۽ نه ئي خط لکڻ جو ارادو آهي. ترجمان وڌيڪ چيو ته پي ٽي آءِ عمران خان جون آءِ ايم ايف پروگرام جي ڪاميابي لاءِ ڪاوشون سڀني جي سامهون آهن. اسحاق ڊار جي نااهلي آءِ ايم ايف پروگرام دير جو سبب بڻي ۽ پي ٽي آءِ باني جي منظوري ڪانپوءِ آءِ ايم ايف طرفان ٻي قسط جاري ڪئي وئي.

بقايا 06

جي لاءِ سڀني کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو. 300 يوٽيلٽي اسٽورز ۽ 1200 موبائيل يونٽس جي ذريعي ڪروڙين مستحقين ۾ سستو اٽو، کنڊ، داليون، گيهه ۽ ٻيون ضرورت جون شيون فراهم ڪيون پيون وڃن. ان عمل ۾ ڪا ڪوتاهي برداشت نه ڪئي ويندي. هو اسلام آباد ۾ مختلف يوٽيلٽي اسٽورز جي دوري جي موقعي تي ڳالهائي رهيو هو ان موقعي تي اطلاعات ۽ نشريات وارو وفاقي وزير عطاءالله تارڙ، دفاع وارو وفاقي وزير خواجه محمد آصف، پرڏيهي معاملن وارو ۽ وفاقي وزير اسحاق ڊار، صنعت ۽ پيداوار وارو وفاقي وزير رانا تنوير ڪانسواءِ مختلف ادارن جا اعليٰ عملدار پڻ موجود هئا. وزيراعظم دوري دوران مستحقين سان ملاقات ڪئي ۽ انهن کان انهن جي مشڪلاتن ۽ درپيش مسئلن بابت معلوم ڪيو وزيراعظم هدايت ڪئي ته رمضان پئڪيج حاصل ڪندڙ مستحقين کي ڪنهن به مشڪل کي منهن نه ڏيڻو پوي. وزيراعظم ٻڌايو ته رمضان رليف پئڪيج جي ورڇ جي عمل جو جائزو وٺڻ جي لاءِ هن اوچتو يوٽيلٽي اسٽورز جا دورا ڪيا آهن. انهن يوٽيلٽي اسٽورز تي اٽو 77 رپيا في ڪلو گيهه 100 رپيا في ڪلو سستو فراهم ڪيو پيو وڃي. ان ڪانسواءِ چانور، داليون ۽ کنڊ سميت ضرورتن جي شين تي پڻ 30 سيڪڙو گهٽ اگهه وصول ڪيا پيا وڃن. وزيراعظم چيو ته يوٽيلٽي اسٽورز تي بهترين انتظام ڪيا ويا آهن. 300 يوٽيلٽي اسٽورز ڪانسواءِ 1200 موبائيل يونٽس جي ذريعي پڻ ڪروڙين مستحقين کي رمضان رليف پئڪيج جي فراهمي جاري آهي. مستحقين جا دستاويز موجود هجڻ ته بنا دير انهن تائين ضرورت جون شيون گهٽ اگهن تي پهچي رهيون آهن. وزيراعظم چيو ته بينظير انڪم سپورٽ پروگرام تحت هن سال امداد جي رقم وڌائي 10 هزار رپيا ڪئي وئي، بلوچستان، گلگت بلتستان ۽ آزاد ڪشمير جي لکين خاندانن کي ڪفالت پروگرام تحت 2 هزار رپيا اضافي پڻ ڏنا پيا وڃن. وزيراعظم يقين ڏياريو ته يوٽيلٽي اسٽورز جي ذريعي فراهم ڪئي ويندڙ شين جي معيار تي ڪو ناهه نه ڪيو ويندو، ڪٿي ڪنهن غيرمعياري ۽ ناقص شيءِ جي شڪايت ملي ته سخت ڪارروائي ڪئي ويندي، وزيراعظم چيو ته وفاقي حڪومت لاڳاپيل ادارن ۽ وزيرن جي گڏيل ڪوشش سان رمضان رليف پئڪيج جي فراهمي کي يقيني بڻائيندي. هن چيو ته 3 ڪروڙ 96 لک خاندانن کي بي آءِ ايس پي تحت ته ماهي وظيفو ڏنو ويندو. وزيراعظم چيو ته دوري دوران ڪيس اهو ڏسي خوشي ٿي ته رمضان رليف پئڪيج جي ورڇ جو عمل بهترين طريقي سان جاري آهي. حڪومت رمضان ۾ 12 ارب روپين سان عام ماڻهو کي رليف فراهم ڪندي. وزيراعظم دعا ڪئي ته رمضان المبارڪ جي برڪت سان پاڪستان ۾ ترقي ۽ خوشحالي جو دور اچي ۽ مهانگائي ۽ عوامي مشڪلاتن جو خاتمو ٿئي. اسان سڀني کي ان جي لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو.

بقايا 07

آهي ته قومي اسيمبلي جي ڇهن، پنجاب اسيمبلي جي 12 سيٽن تي ننڍي چونڊ ٿيندي جڏهن ته ڪي پي اسيمبلي جي 2، بلوچستان اسيمبلي جي 2 ۽ سنڌ اسيمبلي جي هڪ سيٽ ننڍي چونڊ ٿيندي آهي.

بقايا 08

عدالت پوليس کي ايندڙ تاريخ تي راولپنڊي جي اڳوڻي ڪمشنر لياقت علي چٺ کي هر صورت ۾ گولي پيش ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي. راولپنڊي پوليس عدالت ۾ پنهنجو جواب جمع ڪرائيندي چيو آهي ته راولپنڊي جو اڳوڻو ڪمشنر لاڳيتو روپوش آهي ۽ پنهنجي اباڻي ڳوٺ حافظ آباد واري گهر ۾ به موجود نه آهي جنهن تي عدالت پوليس کي اڳوڻي راولپنڊي ڪمشنر کي 15 اپريل تائين گولي عدالت ۾ پيش ڪرڻ جو حڪم جاري ڪندي ٻڌڻي ملتوي ڪري ڇڏي. وڪيلن طرفان راولپنڊي جي اڳوڻي ڪمشنر خلاف ڪيس داخل ڪرائڻ لاءِ 22 3 اي جي درخواست داخل ڪئي وئي هئي.

بقايا 09

سزا کي غيرقانوني قرار ڏيڻ جو ٺهراءُ منظور ڪيو ويو. منظور ڪيل ٺهراءَ جي متن ۾ چيو ويو ته صدر آصف علي زرداري ريفرنس فائل ڪيو. بلاول ڀٽو زرداري پيروي ڪئي، قومي اسيمبلي سپريم ڪورٽ جي راءِ ڏيڻ تي ان کي مبارڪباد ڏئي ٿي. ٺهراءُ ۾ مطالبو ڪيو ويو آهي ته موت جي سزا وارو غير منصفاڻو فيصلو تبديل ڪري ذوالفقار علي ڀٽو کي سرڪاري طور شهيد قرار ڏئي ڪيس اعليٰ ترين سول ايوارڊ نشان پاڪستان ڏنو وڃي. ٺهراءُ ۾ چيو ويو آهي ته جمهوريت لاءِ جان قربان ڪندڙ ڪارڪنن لاءِ نشان ذوالفقار علي ڀٽو ايوارڊ قائم ڪيو وڃي. واضح رهي ته ان کان اڳ سنڌ اسيمبلي، پنجاب، بلوچستان ۽ سينيٽ مان به ذوالفقار علي ڀٽو کي سرڪاري شهيد ۽ قومي هيرو قرار ڏيڻ جا ٺهراءَ اڪثريت راءِ سان منظور ٿي چڪا آهن.

بقايا 10

جي رهائشگاهه تي وڃي سندس گهرواريءَ جي لاڏاڻي تي تعزيت ڪئي. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب اسفنديار ولي خان جي رهائشگاهه تي وزيراعظم سندس فرزند ۽ اي اين پي جي اڳواڻ ايمل ولي خان سان ملاقات ڪئي. ملاقات ۾ وزيراعظم مرحوم جي لاءِ فاتحه پڙهي ۽ درجن جي بلندي لاءِ دعا ڪئي. وزيراعظم مرحوم جي خاندان سان تعزيت ڪئي ۽ انهن جي لاءِ صبر جميل جي دعا پڻ ڪئي. ان موقعي تي پرڏيهي وزير اسحاق ڊار، دفاع وارو وفاقي وزير خواجه محمد آصف، اسٽيٽ اينڊ فرنٽيئر ريجنز وارو وزير امير مقام ۽ قومي اسيمبلي جو اڳوڻو ميمبر ۽ اي اين پي اڳواڻ غلام احمد بلور، خيبرپختونخواهه جي صوبائي اسيمبلي جو اڳوڻو ميمبر اختيار ولي پڻ موجود هئا.

بقايا 11

کي ارسا جو ميمبر نه هئڻ ۽ ميمبرز کان منظوري وٺڻ ڪانسواءِ چيئرمين مقرر ڪرڻ تي سڀ حيران ٿي ويا واپڊا جو اڳوڻو چيئرمين ظفر محمود ڪالاباغ ڊيم جو زبردست حامي رهيو آهي آگسٽ 2016ع ۾ ظفر محمود کي ڪالاباغ ڊيم جي حمايت ۾ آرٽيڪل لکڻ تي عهدي تان استعيفا به ڏيڻي پئي هئي.

بقايا 12

علي تي ٻڌل ڊويزنل بئنچ 22 صفحن تي ٻڌل فيصلو جاري ڪري ڇڏيو سنڌ هاءِ ڪورٽ طرفان جاري ڪيل فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن مستقبل ۾ ڀرتين کي شفاف بڻائڻ لاءِ امتحان ۾ شريڪ ٿيندڙ اميدوارن جا انٽرويو رڪارڊ ڪري ان کان علاوه عدالت درخواستگذار کي سمورا اعتراض اڪلائي ڪميشن ۾ اپيل داخل ڪرڻ جو به حڪم ڏئي ڇڏيو عدالت طرفان جاري ڪيل فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن مان پاس ٿيندڙ سمورن اميدوارن جون مارڪون ويب سائيٽ تي اپ لوڊ ڪيون وڃن. ان کان علاوه پبلڪ سروس ڪميشن جي چيئرمين رضوان ميمڻ خلاف انڪوائري ڪري ٻن مهينن اندر رپورٽ عدالت ۾ پيش ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي. عدالت طرفان چيو ويو آهي ته اميدوارن جي انٽرويو جو رڪارڊ محفوظ ڪيو وڃي، رڪارڊ گم ٿيڻ جي صورت ۾ چيئرمين ۽ سيڪريٽري خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا 13

گذار جا وڪيل عدالت ۾ پيش ٿيا جڏهن ته پي ٽي اي جي وڪيل تياري لاءِ عدالت کان وقت گهري ورتو ٻڌڻي دوران عدالت سوال ڪيو ته سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ داخل درخواست تي ڇا ٿيو؟ اتي ته توهين عدالت جي درخواست تي ٻڌڻي ٿيڻي هئي، ان تي درخواست تي نوٽيس جاري ڪيو ويو آهي. پي ٽي آءِ جي وڪيل عدالت کي ٻڌايو ته سندن هن درخواست تي ٻڌڻي جوڳي هجڻ تي اعتراض آهي. عدالت چيو ته ڇا به آهي. جنهن به ڪيو آهي پر هڪ سوشل ميڊيا پليٽ فارم بند ٿيو آهي. انڪري عدالت ۾ تفصيلي جواب جمع ڪرايو. عدالت پي ٽي اي جي وڪيل کي هدايت ڪئي ته ايندڙ ٻڌڻي تي واضح جواب جمع ڪرايو. واضح جواب هئڻ گهرجي. عدالت کي ٻڌايو ته حقيقت ۾ ڇا ٿي رهيو آهي. درخواست گذار جي وڪيل چيو ته سوشل ميڊيا پليٽ فارم بند ڪرڻ بنيادي حقن جي ڀڃڪڙي آهي. ان تي عدالت چيو ته فلحال جواب ته اچڻ ڏيو پنهنجا هٿيار ڦيرايان ٿي ناهن ڏيکاريا. انڪري گهڻي ڏکي تاريخ ناهي ڏني ۽ جلد جواب طلب ڪيو آهي. عدالت سوشل ميڊيا پليٽ فارم ايڪس جي بندش خلاف درخواست تي وڌيڪ ٻڌڻي 26 مارچ تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا 14

بيان ۾ چيو آهي ته ايل پي جي ماليڪيولز جو ملڪ ۾ وڏو ذخيرو موجود هجڻ جي باوجود ايل پي جي قيمتن ۾ اضافو غيرقانوني آهي. ايل پي جي قيمتن ۾ مصنوعي اضافي جو بنيادي سبب ايل پي جي گيس جي غيرقانوني ذخيره اندوزي آهي. عمران غزنوي چيو ته ڪجهه بدديانت عناصر مصنوعي کوٽ پيدا ڪري صارفين تائين ايل پي جي پهچ مشڪل بڻائي رهيا آهن جنهن جي نتيجي ۾ وڌيڪ قيمت وصول ڪئي پئي وڃي. اوگرا مصنوعي کوٽ جي حوالي سان صوبائي چيف سيڪريٽري کي به آگاهه ڪري ڇڏيو آهي. عمران غزنوي چيو ته مقامي حڪومتون صارفين تائين مقرر قيمتن تي ايل پي جي فراهمي جي لاءِ هر ممڪن قدم کڻنديون. اوگرا جي انفورسمنٽ ٽيمون پهريان ئي ملڪ ۾ مناسب اسٽاڪ جي موجودگي ۽ مقرر قيمتن لاڳو ڪرڻ جي لاءِ فيلڊ ۾ مصروف آهن.

بقايا 15

ناڻي واري وزير چيو ته آءِ ايم ايف کان وڏو ۽ ڊگهي مدت وارو پروگرام وٺڻ چاهيون ٿا. پاڪستان پنهنجي ڪوٽا جي حساب سان وڏو پروگرام وٺڻ جي ڪوشش ڪندو. هن چيو ته معيشت جي بهتري آءِ ايم ايف کان وڌيڪ سندن حڪومت جو هدف آهي. وزيراعظم شهباز شريف معيشت جي بهتري لاءِ ڪليئر ويزن رکي ٿو. وزيراعظم معاشي نظم ۽ ضبط قائم رکڻ جي سخت هدايت ڪئي آهي. سندس چوڻ هو ته آءِ ايم ايف سان موجودا قرض پروگرام جي آخري قسط ۾ ڪا به رنڊڪ نه آهي. آءِ ايم ايف کي موجودا قرض پروگرام جي آخري قسط ۾ 1.1 ارب ڊالر ڏيڻا آهن. ناڻي واري وزير جو چوڻ هو ته آءِ ايم ايف سان نئين قرض پروگرام جو شروعاتي خاڪو تيار ڪري رهيا آهيون. معاشي استحڪام آءِ ايم ايف ۽ حڪومت جو گڏيل هدف آهي. محمد اورنگزيب چيو ته معيشت جي بهتري لاءِ نگران سرڪار ڌيان سان ڪم ڪيو. نجڪاري وارا معاملا فواد حسن فواد ڏاڍي دلچسپي ۽ محنت سان هلايا. آمدني ڊجيٽل طريقي سان گڏ ڪرڻ چاهيون ٿا. هن چيو ته ٽئڪس نظام ۾ شفافيت حڪومت جي پهرين ترجيح ۾ شامل آهي. قومي آمدني ۾ ٽئڪس جو حصو 10 سيڪڙو تائين پهچائڻ چاهيون ٿا. سندس چوڻ هو ته آءِ ايم ايف قرض پروگرام سان گڏ ماحوليات فنڊنگ تي به ڳالهيون ٿي سگهن ٿيون، ماحوليات جي بهتري لاءِ آءِ ايم ايف ڪجهه ملڪن کي ڪوٽا کان وڌيڪ قرض ڏيندو آهي.

بقايا 16

ته آءِ ايم ايف جي وفد سان ڳالهيون 14 کان 18 مارچ تائين شيڊيول آهن ۽ پاڪستان اسٽينڊ باءِ معاهدي تحت آخري قسط ملڻ جا سمورا هدف پورا ڪري ورتا آهن. ناڻي واري وزارت جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن آءِ ايم ايف سان اسٽاف ليول معاهدو ٿي ويو ته وفد هڪ ڊهائي هڪ ڊالرز جي قسط جاري ڪرڻ جي سفارش ڪندو ۽ سفارشن جي آءِ ايم ايف ايگزيڪيوٽو بورڊ وٽان منظوري ملڻ ڪانپوءِ قسط جاري ڪئي ويندي. ٻئي پاسي ناڻي واري وزير محمد اورنگزيب چيو آهي پاڪستان آءِ ايم ايف کان وڏو ۽ ڊگهي مدي وارو پروگرام وٺڻ جو خواهشمند آهي. اسلام آباد ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي ناڻي واري وزير چيو ته آءِ ايم ايف کان وڏو ۽ طويل مدت وارو پروگرام وٺڻ چاهيون ٿا. پاڪستان پنهنجي ڪوٽا جي حساب سان وڏو پروگرام وٺڻ جي ڪوشش ڪندو هن چيو ته آءِ ايم ايف کان پاڪستان جي تاريخ جو سڀ کان ڊگهي مدت وارو پروگرام وٺڻ چاهيون ٿا. آءِ ايم ايف پروگرام ۾ تسلسل سان معاشي صورتحال ۾ بهتري ايندي.

بقايا 17

گرائونڊ فلور ۽ اڪيلو رهندو هو ۽ اسان مئشين فلور تي رهندا آهيون اسان جي ڪنهن سان به دشمني نه آهي، واقعو ڪيئن پيش آيو اسان کي ڪا خبر ناهي، معاملي جي شفاف جاچ ڪئي وڃي.

بقايا 18

ٽيون ڪاروبار جي پڇاڙي تي ڊالر جي قيمت 278.79 رپيا رهي، ٻئي پاسي اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر 25 پئسا سستو ٿيڻ ڪانپوءِ 281 رپيا 22 پئسا تي بند ٿيو.

بقايا 19

۾ فوج موڪلي ته موجوده حالتن جي شدت ۾ نمايان اضافو ٿي ويندو. پرڏيهي ميڊيا موجب روس ۾ 15 مارچ تي صدارتي چونڊون شروع ٿينديون ۽ امڪان ظاهر ڪيو پيو وڃي ته روسي صدر ولاديمير پيوٽن ٻي ايندڙ 6 سالن لاءِ صدر چونڊجي ويندو. ولاديمير پيوٽن چيو ته جوهري جنگ جو منظر نامو جلد بازي جو متقاضي نه آهي ۽ ڪين يوڪرين ۾ جوهري هٿيارن جي استعمال جي ضرورت محسوس نه ٿي آهي. مقامي ٽي وي ۽ نيوز ايجنسي کي هڪ سوال جو جواب ڏيندي هن وڌيڪ چيو ته فوجي ٽيڪنيڪل نقطه نظر کان، اسان يقينن جوهري جنگ لاءِ تيار آهيون. روسي صدر چيو ته آمريڪا ۾ روسي، آمريڪي لاڳاپن تي ڳالهائيندڙ ڪافي ماهر موجود آهن. تنهنڪري، آئون نٿو سمجهان ته اسان جوهري ٽڪراءَ ڏانهن وڌون پيا پر اسان ان لاءِ تيار آهيون.

بقايا 20

وزيراعظم جي فيصلي کي رد ڪندي 17 مارچ تي سڄي سنڌ ۾ احتجاجي مظاهرن جو اعلان ڪري ڇڏيو اڳواڻن چيو ته گذريل نگران حڪومت ۾ صدارتي آرڊيننس ۾ ارسا جي قانون ۾ غير قانوني ۽ غير آئيني طور ترميم ڪئي وئي جنهن تي ان وقت به سنڌ اعتراض ڪيو ۽ ان کي سنڌ جي پاڻي مٿان ڌاڙو هڻڻ جي رٿابندي سمجهندي يوم مادر وطن جي ميڙ قرارداد جي ذريعي رد ڪيو هو ٿيڻ آئين گهرجي ها ته نئين آيل وزيراعظم فوري طور ان نوٽيفڪيشن کي غيرقانوني ۽ غير آئيني جاڻائي رد ڪري ها پر وزيراعظم شهباز شريف ان غيرقانوني ۽ غير آئيني آرڊيننس جي ذريعي ڪالاباغ ڊيم جي حمايتي ارسا چيئرمين جي مقرري ڪئي آهي جنهن تي سنڌ کي سخت اعتراض آهن ايس ٽي پي جي اڳواڻن چيو ته غيرقانوني طور ڪيل ارسا ايڪٽ ۾ ترميم ته ڪابينا، صوبن جي نمائندن جي ارسا ۾ ڪا اهميت ناهي رهي ۽ ان طرح سان ارسا مڪمل طور فرد واحد اختيار هيٺ اچي وئي جيڪو ته صرف صوبن جي اختيارن ۽ ملڪ جي قانون ۽ آئين جي خلاف آهي پر ان سان گڏ هي سنڌ لاءِ انتهائي ڳنڀير جوڳو فيصلو آهي. هتي وڌيڪ چيو ته جڏهن سي سي آئي موجود آهي ته پوءِ اهو نگران حڪومت ۾ غير آئيني ۽ غيرقانوني طور آندل آرڊيننس جي ڪا حيثيت نٿي رهي. انڪري موجوده وفاقي حڪومت جي ارسا ايڪٽ ۾ آرڊيننس وسيلي ڪيل ترميم مطابق جاري ڪيل نوٽيفڪيشن کي سنڌ مڪمل رد ڪري ٿي ۽ ان کي سنڌ جي پاڻي تي قبضو ڪرڻ جي سازش سمجهي ٿي. هن قسم جا فيصلا ملڪ جي مفاد ۾ نه ملڪ جي نقصان جا ڪارڻ ٿيندا انڪري فوري طور ارسا ايڪٽ ۾ ڪيل ترميم کي ختم ڪيو وڃي ۽ نئين ارسا چيئرمين جي مقرري وارو نوٽيفڪيشن واپس ورتو وڃي. وفاق جي اهڙي فيصلي خلاف سنڌ ترقي پسند پارٽي پاران 17 مارچ تي سڄي سنڌ ۾ احتجاجي مظاهرا ڪيا ويندا.

بقايا 21

پرڏيهي کاتي جو چوڻ آهي ته ڀارت ۾ شهريت ترميمي ايڪٽ لاڳو ڪرڻ جي اعلان تي فڪرمند آهيون. شهريت ايڪٽ تي ڪيئن عملدرآمد ٿئي ٿو ان ڳالهه جو جائزو وٺي رهيا آهيون. آمريڪي پرڏيهي وزارت چيو ته آمريڪا مذهبي آزادي، اقليتن سان برابري جو سلوڪ ۽ بنيادي جمهوري اصولن جو احترام ڪري ٿو ٻئي پاسي گڏيل قومن جي انساني حقن جي ڪميشن جو چوڻ آهي ته ڀارت جو شهريت ترميمي ايڪٽ بنيادي طور تي امتيازي ايڪٽ آهي جيڪو ڀارت جي عالمي انساني حقن جي ذميوارين جي خلاف آهي. گڏيل قومن جي اداري موجب قانون لاڳو ٿيڻ جي عالمي انساني حقن موجب هجڻ جو جائزو وٺي رهيا آهيون. قانون موجب مرڪزي حڪومت 31 ڊسمبر 2014ع کان اڳ بنگلاديش، پاڪستان ۽ افغانستان کان ڀارت لڏي آيل هندن، پارسين، سکن، ٻڌن ۽ ٻين جي پيروڪارن ۽ عيسائين کي شهريت ڏئي سگهي ٿي.

بقايا 22

چيو آهي ته وڏي پيماني جي ڇپائي دوران اهڙا نقص ٿي سگهن ٿا، غلط پرنٽ ٿيل نوٽ ٿوڙا آهن. اسٽيٽ بئنڪ غلط ڇپيل ڪرنسي نوٽن تي وڌيڪ وضاحت ڪندي چيو ته هن وقت تائين بئنڪن کي فراهم ڪيل نوٽن ۾ رڳو 10 غلط ڇپيل نوٽ مليا آهن. ڇپيل ۽ گردشي نوٽن جي انگ جي حوالي سان اها رقم گهٽ آهي. وڌيڪ چيو ويو ته غلط پرنٽ ٿيل نوٽن بدران اسٽيٽ بئنڪ مان صحيح نوٽ حاصل ڪري سگهجن ٿا. مستقبل ۾ اهڙن واقعن کان بچڻ لاءِ اندروني ڪنٽرول کي وڌيڪ بهتر ڪيو پيو وڃي. ياد رهي ته پاڪستان سيڪيورٽي پرنٽنگ ڪارپوريشن وٽ غلط پرنٽ ٿيل بئنڪ نوٽن کي ڌار ڪرڻ جو مضبوط نظام آهي. جنهن جي مدد سان غلط ڇپيل ڪرنسي نوٽن کي ڌار ڪيو ويندو آهي پر تنهن هوندي به هڪ پاسو پرنٽ ٿيل ۽ ٻيو پاسو خالي ڇپيل نوٽ بئنڪن تائين پهچي ويا هئا.

بقايا 23

محروم ٿي ويا. جڏهن ته لاڙڪاڻي ۾ تيز هوائن سان برسات پوڻ سبب ڪيترائي وڻ ڪري پيا. هوڏانهن بلوچستان جي گادي واري شهر سميت مختلف ضلعن ۾ برسات دوران پيش ايندڙ حادثن ۾ فوتين جو انگ 9 تائين پهچي ويو آهي. صوبائي ڊيزاسٽر مينجمينٽ اٿارٽي (پي ڊي ايم اي) طرفان جاري ڪيل پڌرائي موجب 27 فيبروري کان 12 مارچ تائين ڪوئٽا سميت مختلف ضلعن ۾ برسات ۽ برفباري جو سلسلو جاري آهي جنهن جي نتيجي ۾ 250 گهر مڪمل طور تي تباهه ٿي ويا جڏهن ته 1040 کي جزوي نقصان پهتو آهي. برسات ۽ برفباري جي نتيجي ۾ ڪوئٽا، خاران، ڪيچ، بارکان، چمن ۽ پشين سميت مختلف ضلعن ۾ ڇتون ڪرڻ سميت ٻين واقعن ۾ 9 ڄڻا فوت ٿي ويا. پي ڊي ايم اي موجب تيز برسات دوران مهاڻن جون 80 ٻيڙيون به تباهه ٿيون. ڪوئٽا، چمن، مستونگ، پنجگور ۽ نوشڪي ۾ به ڪڪر وسيا، جڏهن ته نوڪنڊي، مچ، دالبندين ۾ ٻيا علائقا طوفان ۾ لتجي ويا. موسميات کاتي موجب اڄ اسلام آباد، پنجاب، خيبرپختونخواهه، ڪشمير ۽ گلگت بلتستان ۾ برسات ۽ جبلن تي برفباري جو امڪان آهي. پي ڊي ايم اي موجب گوادر سميت ٻين متاثر ضلعن ۾ امدادي سرگرميون جاري آهن متاثرين جي لاءِ لاڳاپيل ضلعن ۾ خوراڪ، خيما ۽ ٻيو امدادي سامان پهچايو ويو آهي.

بقايا 24

آءِ ٽي پارڪ جي حوالي سان پلاٽ به مختص ڪيو ويو آهي، سي ڊي اي موجب آءِ ٽي پارڪ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت قائم ڪيو ويندو. پارڪ جو ڪورڊ ايريا 1 لک چورس فوٽ هوندو. پارڪ ۾ 5 کان 6 هزار فري لانسرز ڪم ڪري سگهندا. آءِ ٽي پارڪ ۾ فري لانسرز، اسٽارٽ اپس لاءِ ورڪنگ اسپيس ۽ سافٽ ويئر هائوسز لاءِ هنڌ مختص ڪيو ويندو آءِ ٽي پارڪ ۾ لائبريري، آءِ ٽي شين جي نمائش لاءِ به هنڌ مختص هوندو آءِ ٽي پارڪ ۾ رسرچ سينٽرز، ڪانفرنس هالز، ميٽنگ رومز لاءِ به جاءِ مختص ڪئي ويندي. آءِ ٽي پارڪ بڻائڻ جا سمورا خرچ نجي ڪمپنيون برداشت ڪنديون، 15 سال کان پوءِ اهو پارڪ مڪمل طور تي سي ڊي اي جي حوالي ٿي ويندو، پارڪ ۾ نجي ڪمپنيون جاءِ ڪرائي تي وٺي آءِ ٽي آفيسون بڻائي سگهنديون.

بقايا 25

لاڳاپيل آر او کي معطل ڪري جاچ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي. جمعيت علماءِ اسلام طرفان اليڪشن ڪميشن ۾ درخواست داخل ڪئي وئي هئي جنهن ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته اليڪشن ڪميشن اسان جي مخصوص سيٽ تي صدف احسن نالي عورت جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو آهي جڏهن ته صدف احسان نالي عورت نه اسان جي پارٽي ميمبر آهي ۽ نه ئي اهو نالو اسان جي فهرست ۾ آهي. صدف احسان جو نوٽيفڪيشن رد ڪري حنا بي بي جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو وڃي. ان سان گڏ غلط نوٽيفڪيشن جاري ڪرڻ جي جاچ ڪرائي وڃي. جي يو آءِ جي درخواست تي اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان لاڳاپيل ريٽرننگ آفيسر کي معطل ڪري جاچ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي ۽ ان سان گڏ ئي اليڪشن ڪميشن طرفان واضح ڪيو ويو آهي ته جمعيت علماءِ اسلام عورتن جي مخصوص سيٽن جي لاءِ ريٽرننگ آفيسر وٽ جيڪا لسٽ جمع ڪرائي وئي آهي ته انهي ۾ صدف ياسمين نالي عورت جو نالو شامل هو جنهن عورت نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا آهن ان جو پورو نالو صدف احسان آهي ۽ اها لڪي مروت جي رهواسڻ آهي. جي يو آءِ اليڪشن ڪميشن ۾ درخواست داخل ڪئي آهي ته صدف احسان اسان جي اميدوار نه آهي پر صدف ياسمين اسان جي اميدوار آهي. صدف ياسمين اليڪشن ڪميشن ۾ ڪي به نامزدگي ڪاغذ جمع ناهن ڪرايا.

بقايا 26

ڪلائيو پالمر ٽائيٽينڪ جهڙو سامونڊي جهاز تيار ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي، ان کان اڳ هن 2012ع ۾ ٽائيٽينڪ 2 جي تياري جو اعلان ڪيو ۽ 2018ع ۾ ٻيهر اهو اعلان ڪيو ڪلائيو پالمر چوي ٿو ته هو چاهي ٿو ته ٽائيٽينڪ 2 ڪنهن به ميبي کان محفوظ رهي ۽ ڪيس اميد آهي ته اهو جهاز عالمي امن ۾ ڪردار ادا ڪندو.

بقايا 27

36 فلسطيني شهيد ٿي ويا. فلسطيني ميڊيا جو چوڻ آهي ته 7 آڪٽوبر کان هن وقت تائين شهيدن جو انگ 31 هزار 138 ٿي ويو آهي جڏهن ته 72 هزار 889 ماڻهو زخمي ٿي چڪا آهن عرب ميڊيا موجب، ڪويت جنڪشن ۾ امداد جي منتظر فلسطينين تي حملي ۾ 11 ڄڻا شهيد ٿي ويا آهن جڏهن ته الزيتون محلي ۾ 3 گهرن تي بمباري سبب 10 ڄڻا حياتي وڃائي ويٺا آهن. ٻئي پاسي امريڪي پرڏيهي وزير انٽوني بلنڪن غزه ۾ 6 هفتن جي جنگ بندي جي نئين معاهدي جو مطالبو ڪيو آهي. امريڪي پرڏيهي وزير انٽوني بلنڪن جو چوڻ آهي ته غزه ۾ انساني صورتحال دردناڪ آهي، هو اضافي امدادي موڪلي رهيا آهن.

بقايا 28

نسيم ميمڻ فيصلي خلاف سنڌ جي گورنر کي سزا معاف ڪرڻ جي اپيل ڪئي هئي پر سنڌ جي گورنر سزا برقرار رکندي معاملي جي جاچ جو حڪم ڏئي ڇڏيو اهي گورنر طرفان سزا جي بحالي باوجود چيئرمين انٽربورڊ نسيم ميمڻ ڪم ڪري رهيو آهي.

بقايا 29

جي دعوي ڪئي وئي آهي. ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو جو چوڻ آهي ته ڪشمور پوليس رات دير سان آپريشن ڪري تنگواڻي واسي زاهد بمبل ۽ ڪوٽ مٺڻ واسي راشد چاڪي کي بازياب ڪرائي ورتو آهي. هن چيو ته ڌاڙيل ٻنهي نوجوانن کي فون تي نوڪري ڏيڻ جي بهاني ڪچي واري علائقي ۾ گهرائي اغوا ڪيو هو. ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو جو چوڻ هو ته ڏوهارين خلاف آپريشن جاري رهندو، جلد ٻين مغوين کي به بازياب ڪرايو ويندو. چيو آهي ته پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز جي ويزن موجب معياري زندگي هر ماڻهو جو حق آهي. انساني حياتين سان کيڏندڙن سان ڪوبه سمجهوتو نه ڪيو ويندو. ان لاءِ فضائي آلودگي پکيڙيندڙن جي خلاف ڪريڪ ڊائون ڪيو ويو. سينئر وزير اجلاس ۾ شاگردن کي ماحولياتي سفير بڻائڻ لاءِ تعليمي ادارن ۾ انوائرمينٽ ڪلاميٽ چينج ڪائونسل ناهڻ جي به هدايت ڪئي آهي. مريم اورنگزيب وڌيڪ چيو ته 6 جون تي پنجاب جي وزيراعليٰ جي حڪم تي پلاسٽڪ جي ٿيلهين تي پابندي لڳائي ويندي.

بقايا 31

ڪيا ويا. وفاقي راڄڌاني ۽ خيبرپختونخواهه جي علائقن پشاور، ايبٽ آباد، مانسهره، مردان، ڪوهاٽ، صوابي، چارسده ۽ نوشهره ۾ زلزلي جا لوڏا محسوس ڪيا ويا. زلزلي مرڪز موجب زلزلي جي شدت 5.3 رڪارڊ ڪئي وئي. زلزلي سبب ماڻهو خوف ۾ ڪلمو پڙهندا گهرن مان ٻاهر نڪري آيا. جڏهن ته هن وقت تائين ڪنهن به جاني نقصان جا اطلاع ناهن مليا.

بقايا 32

باعزت بري ڪري ڇڏيو آهي ان سلسلي ۾ خوراڪ کاتي سکر ۾ ڪڻڪ ڪرپشن ريفرنس جي احتساب عدالت نمبر ٽي جي جج ناصر الدين شاهه جي عدالت محفوظ ڪيل فيصلو ٻڌايو ويو ڪيل موجب عدالت خوراڪ کاتي ۾ ڪڻڪ ڪرپشن ريفرنس ۾ ڏوهه ثابت نه ٿيڻ تي پ پ اڳواڻ زبردست خان مهر، سڪندر مهر فلور مل مالڪ هريش مل، موهن لعل ۽ محمد ابراهيم ٿهيم کي باعزت بري ڪري ڇڏيو آهي واضح رهي ته نيب سال 2019 ۾ پ پ اڳواڻ زبردست خان مهر، سڪندر مهر، فلور مل مالڪ هريش مل، موهن لعل ۽ محمد ابراهيم ٿهيم خلاف 78 ڪروڙ روپين جو ريفرنس داخل ڪيو هو.

بقايا 33

بابت احتساب عدالت سکر ۾ درخواست داخل ڪرائي وئي ان سلسلي ۾ احتساب عدالت سکر جي جج ناصر الدين شاهه جي عدالت آمدني کان وڌيڪ ملڪيت ٺاهڻ واري ريفرنس جي ٻڌڻي ڪئي ٻڌڻي دوران ريفرنس ۾ شامل پ پ اڳواڻ اين اي خورشيد شاهه، اسپيڪر سنڌ اسيمبلي اويس قادر شاهه، ايم پي اي فرخ شاهه پيش ٿيا ان موقعي تي سندن وڪيل عدالت کي درخواست ڏني ته ايم اين اي خورشيد شاهه اسلام آباد اجلاس ۾ ويل آهي ۽ اسپيڪر سنڌ اسيمبلي اويس قادر شاهه اجلاس ۾ مصروف آهي ان ڪري اجوڪي حاضري کان ڇوٽ ڏني وڃي جڏهن ته عدالت خورشيد شاهه ريفرنس جي مختصر ڪارروائي بعد ٻڌڻي 15 اپريل تائين ملتوي ڪئي وئي آهي ياد رهي ته نيب خورشيد شاهه ۽ سندس گهرڀاتين سوڌو 18 ڄڻن خلاف 1 ارب 23 ڪروڙ روپين جو ريفرنس داخل ڪرايو ويو هو

بقايا 34

جنهن ۾ صوبائي وزيرن شرجيل ميمڻ، ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو، ناصر شاهه، سردار شاهه، سعيد غني، جام خان شورو، ضياءلنجار، محمد بخش مهر، حاجي علي حسن زرداري، ذوالفقار شاهه سميت صلاحڪارن ۽ بابل خان ڀيو، احسان مزاري، نجمي عالم، نئون چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه، ايڊووڪيٽ جنرل، پراسيڪيوٽر جنرل ۽ ٻين شرڪت ڪئي. ڪابينا چيو ته ارسا جو چيئرمين صوبن يا ري وفاقي حڪومت جي ميمبرن مان چونڊيو وڃي، ٻاهران ڪنهن کي به ارسا جو چيئرمين نٿو بڻائي سگهجي ۽ آئين ڪرڻ سان پاڻي واري معاهدي جي ڀڃڪڙي هوندي. ڪڻڪ: خوراڪ واري صوبائي وزير جام خان شورو اجلاس کي ٻڌايو ته کاتي وٽ 4 لک ٽن ڪڻڪ جو ذخيرو موجود آهي. هن تجويز ڏني ته کاتي وٽ ان جون 8 لک ٻوريون آهن تنهنڪري ڪڻڪ جو هدف 8 لک مقرر ڪيو وڃي. غور ويچار ڪانپوءِ کاتي فيصلو ڪيو ته ڪڻڪ جي فصل 24_2023 لاءِ 4000 رپيا في 40 ڪلوگرام جي امدادي قيمت تي 9 لک ڪڻڪ جي خريداري جو هدف مقرر ڪيو وڃي. وڏي وزير خوراڪ کاتي کي هدايت ڪئي ته هو هڪ لک ان جو ٻوريون خريد ڪري خوراڪ کاتي جون ٽيمون متحرڪ ڪري ڪڻڪ جي خريداري جلد کان جلد شروع ڪري. پرائس ڪنٽرول: ڪمشنر ڪراچي سليم راجپوت ڪابينا کي کاڌي پيتي جي شين جي اگهن تي ضابطو آڻڻ بابت بريفنگ ڏيندي چيو ته رمضان المبارڪ جي مقدس مهيني دوران قيمتن کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ ضلعي انتظاميا ڇاپا هڻي رهي آهي. ضلعي انتظاميا 6 مارچ 2024ع کان هيستائين 1500 ڇاپا هنيا ۽ 1150 ڪيس داخل ڪيا، 14 دڪان سيل ڪيا ۽ 7.14 ملين رپيا ڏنڊ اوڳاڙيو آهي. وڏي وزير پنهنجي ڪابينا جي ميمبرن کي هدايت ڪئي ته اهي قيمتن تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ مارڪيٽن جا اوچتو دورا ڪن وڏي وزير چيو ته آئون چاهيان ٿو ته مارڪيٽ ۾ اعلائيل اگهه کي يقيني بڻايو وڃي ۽ ذخيرو ڪندڙن خلاف ڪارروائيون جاري رکيون وڃن. امن ۽ امان: گهرو وزير ضياءلنجار ۽ آءِ جي پوليس رفعت مختار ڪابينا کي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته ٻهرين جنوري کان 12 مارچ 2024 تائين سڄي صوبي ۾ قتل جا 274، ڀنگ عيوض اغوا جا 84 ۽ ڀتا خوري جا 30 ڪيس سامهون آيا. پوليس خلاف ڌاڙيلن جا 2921، ملڪيتن تي قبضن جا 6486، مقامي ۽ خاص قانون جا 4517، حادثن جا 163 ۽ ٻيا الڳ 4643 ڪيس داخل ڪيا. ڪابينا کي ٻڌايو ويو ته گذريل سال جي ڀيٽ ۾ ڪراچي ۾ اسٽريٽ ڪرائم جي واقعن ۾ 4.18 سيڪڙو گهٽتائي آئي آهي، ان تي وڏي وزير چيو ته ڏوهن جي شرح هر مهيني تبديل ٿيندي ڏينهون ڏينهن گهٽ ٿي رهي آهي پر عوام ان گهٽتائي کي محسوس نه ڪيو آهي. هن گهرو وزير کي هدايت ڪئي ته علائقي جي ايس ايڇ اوز ۽ ايس ايس پيز کان پڇاڻو ڪيو وڃي. واضح رهي ته جنوري 2024ع ۾ اسٽريٽ ڪرائم جا 7822، فيبروري ۾ 5876 ۽ مارچ (12 مارچ تائين) ۾ 2234 واقعا رڪارڊ ڪيا ويا، ڀنگ عيوض اغوا: ڪابينا کي ٻڌايو ويو ته اغوا جي 78 ڪيسن مان 49 آزاد ڪرايا ويا آهن ۽ 29 ڪيس اڃا التوا هيٺ آهن. اغوا جي 29 ڪيسن مان 6 جو تعلق گهوٽڪي، 9 جو شڪارپور ۽ 14 جو تعلق ڪشمور سان آهي. واضح رهي ته قبائلي تڪرارن سبب اغوا جا واقعا وڌي رهيا آهن. ان تي وڏي وزير گهرو وزير کي هدايت ڪئي ته ڪجهه وزيرن، ضلعي انتظاميا ۽ پوليس کي مقرر ڪيو وڃي ته جيئن قبائلي تڪرار جلد کان جلد نبيريا وڃن. هن وڌيڪ چيو ته ڀنگ لاءِ بيگناهه ماڻهن جو اغوا ڪرڻ قبول جوڳو نه آهي. ڌاڙيلن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي. منشيات فروش: وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته ڊرگ مافيا خلاف آپريشن جاري آهي ۽ اڪثر منشيات فروش ۽ عادي ڏوهاري اسٽريٽ ڪرائم ۾ ملوث آهن هن پوليس کي هدايت ڪئي ته ڊرگ مافيا خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ سيڪيورٽي وڌائي وڃي. ريڊ لائن پروجيڪٽ: ٽرانسپورٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته ريڊ لائين منصوبي تي ڪم رڪيو ويو آهي جنهن سبب ان رڳو علائقي جا ماڻهو سخت پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن پر منصوبي جي لاڳت ۾ واڌ جو پڻ خدشو آهي. وڏي وزير ٽرانسپورٽ واري وزير کي هدايت ڪئي ته منصوبي تي ڪم تيز ڪيو وڃي ۽ جيڪڏهن ڪا به رڪاوٽ آهي ته ان کي ختم ڪيو وڃي. ترقياتي ڪم: وڏي وزير صوبائي وزير پي اينڊ ڊي ناصر شاهه کي هدايت ڪئي ته هو منظور ڪيل ترقياتي اسڪيمن جو جائزو وٺي جيڪي اليڪشن سبب التوا هيٺ آهن. هن چيو ته آئون چاهيان ٿو ته منظور ٿيل اسڪيمن تي جلد کان جلد ڪم شروع ڪيو وڃي.

بقايا — سنڌيار — 01

سان ٽيڻ ڪري شهري پريشاني کي منهن ڏيڻ تي مجبور، چيف جسٽس آف پاڪستان ۽ ٻين اعليٰ اختيارين کي نوٽيس وٺڻ جي اپيل تفصيل موجب سنڌ جي ٽئين وڏي شهر سکر ۾ انتظاميه ۽ چونڊيل عوامي نمائندن جي لاپرواهي سبب شهر جي مختلف علائقن ۾ جاري گندي پاڻي جي نيڪال ۽ واٽر سپلاءِ جا منصوبا مڪمل نه ٿي سگهيا آهن. ترقياتي ڪمن لاءِ ڪوٽائي ۽ مرمت ڪرائڻ وارو ڪم ڪيترائي مهينا گذرڻ باوجود مڪمل نه سگهيا آهن شهر جي مختلف رهائشي واري ٽرنڊڻون ڳوٺنڻون پنڊ پرائو سکر ۽ ڪمرشل علائقن سميت شهر جي اهم ۽ مصروف ترين روڊ عوام لاءِ آزار بڻيل آهن جڏهن ته ترقياتي ڪمن جي ٽالي تي اليڪشن کان اڳ رات ڏينهن ناقص ميٽيريل استعمال ڪري رودن جوجار وچايو ويو ۽ اليڪشن ختم ٿيندئي، ترقياتي ڪم سسترفتاري جي ورچڙهي واڀي آهن جنهن سان عوام کي سهولت ملڻ بجاءِ وڌو مسئلو بڻجي ويو آهي جتان گزرندڙ ٽريفڪ ۽ راهگيرن کي سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. پر لاڳاپيل انتظاميه شهرين کي درپيش مشڪلاتن کي ڏسڻ لاءِ تيار ٿي ناهي، سکر جي ساجاه وندن ۽ شهرين سکر انتظاميا سميت مڪاني ادارن جي چونڊيل نمائندن تي سخت تنقيد جو نشانو بڻائيندي، سنڌ جي وڏي وزير، مڪاني ادارن واري صوبائي وزير سيڪريٽري لوڪل گورنمينٽ ۽ ٻين کان مطالبو ڪيو آهي ته سکر شهر ۾ جاري ترقياتي ڪمن سبب شهر جي تباهيءَ واري عمل جو نوٽيس وٺندي شهرين کي درپيش مشڪلاتن کان جوڳڪارو ڏيارڻ سميت سرڪاري خزاني کي لٽيندڙن خلاف ڪارروائي ڪري ترقياتي ڪم مڪمل ڪرائي عوام کي رليف ڏيڻ لاءِ ٺوس قدم کنيا وڃن

بقايا — سنڌيار — 02

۽ سخت چيڪنگ جي پابندي سان هدايت جاري ڪئي وئي آهي رمضان المبارڪ جي مهيني ۾ 325 کان وڌيڪ پوليس آفيسر ۽ جوانن مسجدن امام بارگاهن رمضان بجت بازارن ۽ تراويح نماز دوران سيڪيورٽي جا فرائض سر انجام ڏيندا ۽ ان حوالي سان پوليس سيڪيورٽي ڪئمپ پڻ قائم ڪئي وئي آهي سموري ضلعي اندر ننڍين وڏين مسجدن امام بارگاهن ۽ ٻين عبادت گاهن ۾ نماز تراويح جي ادائيگي جي موقعي تي پوليس مقرر ڪيا ويا آهن ۽ پوليس فائيٽر پوليس موبائيل ۽ جوان پاران شهر جي ننڍين وڏين گلين ۾ پيٽرولنگ جاري رکندا ان کان علاوه ٽريفڪ پلان ۽ امن امان جي حوالي سان شاهي بازار پاڪستاني چوڪ واڻ بازار مسجد علي چوڪ مير جو پڙ چانڊني چوڪ مرتضه چوڪ سميت شهر جي اهم جائن تي چوڪن تي پوليس جا جوان ۽ ليڊي پوليس ڊيوٽي سرانجام ڏيندين ۽ تمام نمازين جي حفاظت کي يقيني بڻائڻ ڏسان گڏوگڏ سيڪيورٽي انتظام کي يقيني بڻائڻ لاءِ سئنير پوليس آفيسر ڊيوٽي تي موجود نفري کي چيڪ ڪندا ۽ سيڪيورٽي انتظام جو جائزو وٺندا ۽ ضلعي جي تمام انٽري ۽ ايگزٽ پوائينٽن تي سنيپ چيڪنگ جي عمل کي وڌيڪ سخت ڪرڻ جي ايس ايس پي پاران هدايت پڻ جاري ڪئي وئي آهي تمام ڊي ايس پيز ايس ايچ اوز پنهنجي اسٽاف سميت چيڪنگ ۾ حصو وٺندا ۽ دوران چيڪنگ رش ڪندڙ متعدد گاڏين وارن خلاف قانوني ڪاروائي عمل پڻ آڻن جو فيصلو ڪيو ويو آهي ان موقعي تي گاڏين ۾ لڳل ڪارن شيشن فينسي نمبر پليٽ پوليس بليو لائٽ ۽ تيز لائيٽ گاڏين مان ڪڍيون وينديون ۽ بغير نمبر پليٽ بغير ڪاغذات وارين گاڏين جي خلاف پڻ قانوني ڪاروائي عمل ۾ آندي ويندي

بقايا — سنڌيار — 03

سان ٻه ڪاٻه ذاتي دشمني يا تضاد ناهي اسان جي زمين تان جنريٽر جو قيمتي سامان چوري ٿيڻ سبب ڪان باهر آهي جنهن ٻه اها چوري ڪٿي آهي اوهر ان غلط عمل ڪيو آهي هن چيو ته هاڻي اسان وڌيڪ پريشان ٿي ويا آهيون چو ته جيڪي اسان جي زمين تان چوري ڪرائي سگهن ٿا اوهي اسان جي جان مال کي به نقصان پهچائي سگهن ٿا هن ايس ايچ او سينارجا، ايس ايس پي خيرپور کي برزور اپيل ڪندي چيو آهي ته خدارا اسان جي هن معاملي جو نوٽيس وٺي اسان جو چوري ٿيل جنريٽر جو قيمتي سامان واپس ڪرائي ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري ڪين قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي

بقايا — سنڌيار — 04

بااثرن جي ڏيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيوان موقعي تي هنن چيو ته ڪجهه ڏينهن اڳ گاهه جي پري ڪرڻ جو ڪوڙو الزام هڻي ڏر جي بااثر وڏيري ۽ ان جي ماڻهن اسان جي هڪ نوجوان تي تشدد ڪيو ۽ اسان جي گهرن تي فائرنگ ڪري اسان کي هراسان ڪيو ويو تشدد ۾ زخمي ٿيل نوجوان اسان جهڏو ٿاڻي تي وٺي ويا وياسين اتي اسان جي مخالف ڌر ٻه پهتل هئي پوليس اسان کي ميڊيڪل ليٽر ڏئي اسپتال وڃڻ جو چيو اسان پنهنجي نوجوان کي اسپتال منتقل ڪيو جنهن جو ميڊيڪل سرٽيفڪيٽ جهڏو ٿاڻي تي پهتو ۽ پوليس وڏيري جي ماڻهوءَ جي ميڊيڪل سرٽيفڪيٽ جي آڌار تي الٽو اسان جي ٽن نوجوانن اسماعيل، ذوالفقار، تصور تي ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي ۽ هاڻي جهڏو پوليس نوجوانن جي گرفتاري لاءِ اسان جي گهرن تي چاپا پئي هڻي جيڪو اسان سان وڏو ظلم آهي هنن چيو ته نوجوان ٻه اسان جو زخمي ٿيو ۽ ڪيس ٻه اسان تي داخل ڪيو ويو آهي هنن آئي جي سنڌ، ايس ايس پي ميرپورخاص کان مطالبو ڪيو ته نوٽيس وٺي تدارڪ ڪيو وڃي

بقايا — سنڌيار — 05

ستي خيرپور جي صدر منير احمد منگي سيد رضا حسين شاه سيد صفدر شاه نادر شاه سيد فرخ شاه نثار احمد قلبوٽو زاهد قلبوٽو لاهوٽي خيرالدين گهانگهرو ڪامريڊ راز محمد شيخ اختر عباسي نذير احمد ابڙو اڪرم پتوءَ ٻين فقيرن ۽ عقيدتمندن درگاه تي گلن جي چادر چاڙهي عرس عرس مبارڪ جو افتتاح ڪيس درگاه تي گلن جي چادر چاڙهي انسانيت جي ڀلائي لاءِ دعا ڪئي وئي، چادر چاڙهڻ جي تقريب ڪان علاوه درگاه ۾ غسل ڪرڻ جي تقريب، دهمال جي تقريب، مهندي ۽ صوفيائي محفل جي تقريب، سان گڏ رنگا رنگ تقريبون منعقد ڪيون ويون. صوفيائي محفل ۾ سنڌ جي نالي وارن فنڪارن سيد صنم ديدار شاه سيد موٽڻ محبوب شاه. اسماعيل ابڙو ممتاز گوپانگ السٽي فقير ۽ ٻين پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري خوب داد وصول ڪيو. پيپلز پارٽي جي اڳواڻ منير احمد منگي ۽ ٻين پنهنجي خطاب ۾ چيو ته الله جي اوليائن هميشه پيار، امن ۽ انسانيت جو درس ڏنو آهي. ان ڪري سڄي دنيا جا ماڻهو اولياءَ الله جي پيغام تي عمل پيرا ٿي ٻنهي جهانن ۾ ڪاميابي ماڻين. ڀٽي پاسي خيرپور شهر جي درگاهن سيد خاڪي شاه ۽ سيد داد شاه درگاه جا عرس مبارڪ منعقد ٿيا درگاه جي متولي فقيرن فقير برڪت فقير علي در قلبوٽو فقير فياض شيخ بابر بابا چشتي مظفر قلبوٽو ظفر جمالي نور محمد قريشي شڪيل ميمڻ ۽ ٻين درگاهن تي چادر چاڙهي عرسن مبارڪن جو افتتاح ڪيو. ان موقعي تي لنگر نياز جو پڻ انتظام ڪيو ويو هو ۽ سيڪيورٽي جا پڻ انتظام ڪيا ويا هئا. ۽ عرس مبارڪ پرامن طور تي اختتام پذير ٿيا

بقايا — سنڌيار — 06

مالٽا 50 کان 200 سئو روپيا ڪلو سيب 150 سئو کان 300 روپيا ڪلو سبزين مان آلو 50 کان 90 روپيا ڪلو بصر 100 کان 250 روپيا ڪلو ٿي ويو ٽماٽا 80 کان 250 روپيا ڪلو ٿي ويو ۽ انهن ڪان بيو قل فروٽ سبزيون دال چاول جو ريٽ آسمان تي پهتل اٽو 6000 هزار روپيا مڻ وڪرو ٿيڻ لڳو جڏهن ته ڏيهاڙي دار مزدور ماڻهون گهر ۾ شام جو چلهه ٻه ٿا ٻاري سگهن اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ مختيارڪار بيخبر ۽ تماشائي بڻيل آهن ڊي سي گهوٽڪي ۽ ٻي لاڳاپيل انتظاميا ٻه تماشائي بڻيل روزيدار ۽ غريب ماڻهون هئراڻ و منهنگائي جي ورچڙهيل وزير اعلي سنڌ ڪمشنر سکهر ۽ ڊي سي گهوٽڪي کي گهرجي ته جلد نوٽس وٺي هئراڻ و منهنگائي کي قابو ڪري عوام کي رليف پيڪج ڏنو وڃي

بقايا — سنڌيار — 07

جي پرامن احتجاج تي ٽيل پوليس جي تشدد واري ڪاروائين خلاف احتجاج . سڄي سنڌ ۾ مظاهرا ڪرڻ جو اعلان . خبر موجب ٽنڊو محمد خان ۾ سنڌ سڀا طرفان سنڌ جي قومي ڪارڪنن کي کنيي کٿي گم ڪرڻ جي واقعن ۽ حيدرآباد ۾ پرامن احتجاج تي سنڌ جي نياڻين قومي ڪارڪنن تي وحشاڻي تشدد جي ڪاروائين تي پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو . احتجاجي مظاهري ڪي سنڌ سڀا جي سربراه انعام سنڌي مخاطب ٿيندي چيو ته سنڌ حڪمران لاءِ ڪا به اهميت نه رکي ٿي . جنهن جي ڪري سنڌ مان ڪنيي گم ڪيل قومي ڪارڪنن جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪرڻ باوجود وفاقي ۽ صوبائي سرڪار ڪو به نوٽيس نه ورتو آهي نه وري ٽئين چونڊيل سرڪار سنڌ جي قومي ڪارڪنن سان همدردي جو اظهار اجان تائين ڪيو آهي جنهن مان ثابت آهي ته وفاقي ۽ صوبائي سرڪار سنڌ جي قومي ڪارڪنن جي جبري ڪنيي ڪٿي گم ڪيل جي گمشدگين جي بابت سندن رويو سنڌ دشمن سازش جو حصو بڻيل آهي . سنڌ جي قومي ڪارڪنن جي بازيابي لاءِ حيدرآباد ۾ پرامن احتجاج تي جيڪو وحشاڻو تشدد ڪيو ويو ان ۾ سنڌ جي قومي نياڻين ۽ قومي ڪارڪنن کي تشدد جو نشانو بڻايو ويو ۽ سندن ڪيل گرفتارين سان ثابت ٿئي ٿو ته سنڌ جا ڪنيي گم ڪيل قومي ڪارڪن حڪمران لاءِ ڪا به اهميت نٿا رکن حڪمران سنڌ جي قومي ڪارڪنن کي هن ملڪ جو عوام سمجهڻ کان به لنوائي رهيا آهن جنهن جو عالمي ادارن کي نوٽيس وٺڻ گهرجي . ڪنيي گم ڪيل قومي ڪارڪن آزاد ڪيا وڃن ۽ حيدرآباد ۾ تشدد جي واقعن جو نوٽيس وٺي ملوث اهلڪارن خلاف قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي بي صورت ۾ سڄي سنڌ ۾ احتجاجي مظاهرا ڪيا ويندا. ان موقعي تي ساجد سنڌي ۽ ٻيا قومي ڪارڪن پڻ موجود هئا .

بقايا — سنڌيار — 08

وارثن ۽ شيخ برادريءَ طرفان ايس ايس پي آفيس جي مک گيٽ آڏو احتجاجي مظاهرو احتجاج اڳواڻن شفيق احمد، هدايت الله، عنايت الله شيخ شهزادو ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان جان مغوي علي شير شيخ، مير خان شيخ ۽ سهراب شيخ کي هڪ ڏينهن اڳ ڌاڙيل اغوا ڪري ويا آهن اسان جي مغوين کي جلد بازياب ڪرايو وڃي بي صورت ۾ احتجاجي جو دايرو وڌايو ويندو

بقايا — سنڌيار — 09

دوڪاندارن خلاف ڪاروايون ڪري ڏنڊ وڌا ۽ وارننگ ڏنئ. تفصيل موجب ڊپٽي ڪمشنر جامشورو علي ذوالفقار ميمڻ جي هدايتن تي اسسٽنٽ ڪمشنر ڪوٽڙي فيصل گل الاهي رمضان شريف ۾ عوام کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ پنهنجي ٽيم سان گڏجي ڪوٽڙي شهر جي مختلف دوڪانن جا دورا ڪري وڌيڪ اگهه وٺندڙ منافع خور دوڪاندارن تي ڏنڊ وڌا اسسٽنٽ ڪمشنر ڪوٽڙي دوڪاندارن کي وارننگ ڏيندي چيو ته عوام کي مارڪيٽ ريٽ لسٽ جي مطابق ڪائي بيئڻ روزمره جي شين کي وڪرو ڪرڻ کي يقيني بڻايو وڃي هن چيو ته ڪنهن ٻه وڌيڪ اگهه ورتا انهن خلاف سخت ڪاروايون ڪيون وينديون ان موقعي تي بلاول سولنگي ۽ لاڳاپيل عملي سميت بيورو سپلاءِ اينڊ پرائس ڪنٽرول وارا عملدار پڻ گڏ هئا

بقايا — سنڌيار — 10

پڏعيدن پريس ڪلب جي صدر مجاهد شهرپريس ڪلب پڏعيدن جي جنرلسيڪريٽري ممتاز ابڙو محمد حنيف نول فرمان نول اعجاز ممنائي سيدساجن شاه ،منصور علي راڄپر احسان سولنگي رحمان سولنگي ضميرلنڊ ماجد علي تگڙعبدالجبار وگڻبشير حسيني وسطڙو امتياز علي سومرو ڊاڪٽربرڪت ملڪ تنوير قريشي ۽ ٻين دوستن پارا گلن جا هارپرائي مبارڪ باد ڏني ان موقعي تي اير ظفر تگڙ سڀني دوستن جو شڪريو مڃيو

بقايا — سنڌيار — 11

ملازمن پاران هٿن ۾ بئنر ۽ پلي ڪارڊ کڻي احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي وئي، ان موقعي تي ايمپلائيز ايسوسيئيشن جي صدر سراج احمد پتو، عبدالجبار چانڊيو، ساحر حسين پيچوهو، فياض حسين راڄپر، حضور بخش ڏيپر، نجف علي ساريو، سيف الله چانڊيو، مظفر علي گاڏهي، سليم احمد خاصخيلي، غلام مصطفيٰ اوڍو ۽ ٻين ميڊيا آڏو ڳالهائيندي چيو ته لاڙڪاڻو جي سڀني ڪئمپسز کي ملائي ڪري ڊي يونيورسٽي آف لاڙڪاڻو جي نالي سان يونيورسٽي ٺاهي وئي آهي، جنهن ۾ تقريبن 500 ملازمن جون پگهارون گذريل ٽن مهينن کان وٺي بند ڪيون ويون آهن، جنهن سبب ملازمن جي گهرن ۾ فاقاڪشي واري صورتحال پيدا ٿي وئي آهي، جڏهن ته يونيورسٽي آف لاڙڪاڻو ۽ جيڪو ايڪٽنگ وائيس چانسلر ڊاڪٽر زاهد علي ڪند مقرر ڪيو ويو آهي، اهو ٽن مهينن دوران صرف 3 پيرا يونيورسٽي ۾ آيو آهي، جيڪو اسان کي هر روز ڪوڙا ۽ سڪا آسرا ڏئي رهيو آهي ته اڄ يا سڀاڻي تائين سڀني ملازمن جي پگهار جاري ڪئي ويندي، پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته وائيس چانسلر کي هن اداري جي ڪائي به پرواهه نه آهي، هو صرف ۽ صرف پنهنجو ٽائيم پاس ڪري رهيو آهي هنن چيو ته ايڪٽنگ وائيس چانسلر ڊاڪٽر زاهد علي ڪند جي مقرر ٿيڻ بعد ٽن مهينن کان وٺي يونيورسٽي جو ونهوار بند پيل آهي، جنهن جي ڪري شاگردن جا ڪلاس به نه پيا هلن، اهڙي صورتحال ۾ شاگردن، ملازمن سميت اداري جو نقصان ٿي رهيو آهي، پر افسوس جو اهڙي صورتحال حڪومت ٺوڙي چونڊيل نمائندن کي نظر نه پئي اچي، هنن پي پي چيئرمين بلاول ڀٽوزرداري، سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاه سميت لاڙڪاڻي جي چونڊيل نمائندن کي اپيل ڪئي ٿا ڪريون ته رمضان الڪريم جهڙي ڀلاري مهيني کي نظر ۾ رکندي هن معاملي جو نوٽيس وٺي فوري طور تي اسان کي پگهارون جاري ڪرڻ سان گڏ ٻيا جائز مسئلا حل ڪري انصاف ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ اسان جو احتجاج جاري رهندو

بقايا — سنڌيار — 12

سان روڊ سيفٽي بابت سيمينار ڪرايو ويو. جنهن ۾ خيرپور زرعي ڪاليج جي استادن ۽ شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت. سيمينار کي خطاب ڪندي موٽروي پوليس جي آفيسر سرفراز خان خيرپور زرعي ڪاليج جي ملازمن ۽ شاگردن کي روڊ سيفٽي جي باري ۾ ڄاڻ ڏيندي چيو ته روڊ تي هلندڙ هر اهو ماڻهو جيڪو گاڏي هلائيندو هجي اهو هڪ ذميوار ڊرائيور آهي ڊرائيور جو مطلب آهي ته پنهنجي ۽ ٻين جي زندگي جوخيال رکڻ مطلب هڪ ڪوچ ڊرائيور جيڪو ڊرائيونگ ڪندو آهي ان ڪوچ ۾ لڳ ڀڳ 50 کان 60 مسافر سوار هوندا آهن هائي ان مسافرن جي زندگي انهيءَ ڊرائيور جي هٿ ۾ آهي ته اهو ذميواري سان ڊرائيونگ ڪري ۽ انهن مسافرن کي پنهنجي منزل تي پهچائي. اسان جي ملڪ ۾ هر سال هڪ اندازي مطابق 15000 ماڻهو روڊ حادثن سبب پنهنجي زندگي وڃائي ويهن ٿا اهي حادثا تڏهن پيش ايندا آهن جڏهن اسان لاپرواهي ڪندا آهيون پر جيڪڏهن اسان پنهنجي ذميواري سان ڊرائيونگ ڪيون ته اسان ڪيترن ئي ماڻهن جي زندگي بچائي سگهون ٿا. موٽرسائيڪل تي سواري ڪرڻ مهل هيلمنٽ جو استعمال ڪرڻ لازم هجڻ گهرجي چوجو زندگي رب پاڪ جي طرفان مليل هڪ نعمت آهي اها زندگي بار بار ناهي ملندي. گاڏي ڊرائيونگ ڪرڻ مهل موبائل فون جو استعمال نه ڪرڻ گهرجي چو جو ڪافي حادثا ان جي ڪري به ٿين ٿا ۽ سيٽ بيلٽ جو استعمال لازم ڪرڻ گهرجي موٽروي پوليس 24 ڪلاڪ روڊس تي ڊيوٽي ڏيڻ لاءِ موجود هوندي آهي ته جيئين روڊ تي سفر ڪندڙ ڊرائيورن کي مختلف مختلف هنڌن تي ڄاڻ ڏيندي آهي ته احتياط سان ڊرائيونگ ڪيو چو جو انهن ڊرائيورنگ جي پويان قيمتي جانيون آهن انهن جو خيال رکڻ ان جي ذميواري آهي.

بقايا — سنڌيار — 13

ڪرڻ جو مقصد انهن جي حوصلا افزائي ڪرڻ آهي جيڪي سخت گرمي ۽ روزي جي حالت ۾ عوام جي جان ۽ مال جي حفاظت کي يقيني بڻائڻ لاءِ هر وقت سرگرم ۽ چوڪس رهن ٿا اي ايس پي سٽي محمد عثمان خان چيو ته پوليس جا جوان نه صرف ٽريفڪ جي رواني کي برقرار رکن ٿا پر شڪي ماڻهن تي پڻ ڪڙي نظر رکي رهيا آهن ته جيئن عوام کي ڪنهن به قسم جي تڪليف کان بچائي سگهجي، اي ايس پي سٽي محمد عثمان خان سمورن ايريا ايس ايچ اوز کي هدايتون جاري ڪيون ته اهي روزانو جي بنياد تي مقرر پوليس جوانن سان افطار ڪن ۽ انهن جا جائز مسئلا به حل ڪن

بقايا — سنڌيار — 14

ڪوآرڊينيشن ڪميٽي سنڌ سوشل پروٽيڪشن اٿارٽي جي ٻهرين گڏجاڻي منعقد ڪئي وئي ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر چيو ته سماجي تحفظ جهڙي اهم موضوع تي سنڌ سرڪار پاران شروع ڪيل سماجي تحفظ جا پروگرام صوبي جي پنتي پيل علائقن کي سماجي تحفظ جي فراهمي لاءِ اهم وڪ ثابت ٿيندا هن چيو ته سماجي تحفظ کي يقيني بڻائڻ لاءِ لاڳاپيل سرڪاري کاتن تڙي خانگي ۽ سماجي شعبي کي گڏيل طور ڪم ڪرڻو پوندو. چاڪاڻ ته سماجي تحفظ حقيقي انساني ترقيءَ جي راهه ۾ بنيادي حيثيت رکي ٿي گڏجاڻي ۾ ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيٽر سيده رضواڻ حنين شاه سنڌ ۾ سماجي تحفظ جي فراهمي نظام کي مضبوط ڪرڻ واري پروجيڪٽ متعلق تفصيلي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته سنڌ حڪومت پاران قائم ڪيل سماجي تحفظ جي بااختيار اداري (ايس ايس پي اي) ضلعي بدين سميت سنڌ جي 15 ضلعن ۾ "ماءُ ۽ ٻار جي سهائتا جو پروگرام" شروع ڪري ڇڏيو آهي، جنهن تحت اهل ماءُ کي ڳورهاري هجڻ کان ٻار جي 2 سالن جي ڄمار ٿيڻ تائين 30 هزار روپين تائين جي مالي سهائتا فراهم ڪئي ويندي. پروگرام ۾ شامل ٿيڻ جي لاءِ ماءُ جي عمر 18 سال يا ان کان مٿي هجي، ڳورهاري يا اميد سان هجي، لاڳاپيل ضلعي جي رهواسي هجي ۽ نادرا طرفان تصديق ٿيل سڃاڻپ ڪارڊ رکندڙ هجي. پروگرام ۾ شامل ٿيڻ لاءِ ڳورهاري هجڻ جي صورت ۾ پنهنجي ويجهي بي بي ايڇ آءِ اسپتال جو دورو ڪريو ۽ پاڻ کي هن پروگرام ۾ رجسٽر ڪرايو پنهنجو يا پنهنجي ويجهي عزيز جو موبائيل نمبر ضرور رجسٽر ڪرايس پروگرام ۾ داخلا وٺڻ کان پوءِ بي بي ايڇ آءِ اسپتال جي عملي پاران جاري ڪيل ٽوڪن ۽ ان ۾ ڏنل نمبر سنڀالي رکي پروگرام ۾ مهيا ڪيل سمورين سهولتون حاصل ڪرڻ لاءِ ڊاڪٽر جي هدايت موجب مقرر وقت تي پنهنجي طبي چڪاس کي يقيني بڻايس توهان جي رجسٽرڊ ڪرايل موبائيل نمبر تي روڪ رقم جو ميسج اچڻ جي صورت ۾ بنا ڪٽوتي جي پنهنجي رقم وصول ڪريو وڌيڪ هدايتن لاءِ هيلپ لائن 1054 تي فون ڪريو يا ويب سائيٽ www.sspa.gos.pk تي رابطو ڪريو گڏجاڻي ۾ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر ظهيرالدين ميمڻ، ڊسٽرڪٽ مينيجر بي بي ايڇ آءِ رٽائرڊ ميجر ڊاڪٽر مير حسن جمالي، ڊاڪٽر روشن جمالي، ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر سيڪنڊري شوڪت علي ملاح، اي ڊي او قادر بخش ٽالپر، نادرا آفيسر محسن خان، ضلعي جا سمورا اسسٽنٽ ڪمشنرز ۽ ٻيا لاڳاپيل آفيسر پڻ موجود هئا

بقايا — سنڌيار — 15

کي ووٽ ڏيڻ جو چيو هو ۽ ان جي بدلي بنيادي ۽ بلدياتي سهولتون فراهم ڪرڻ جا واعدا ڪيا ويا پر بدقسمتي سان اهي واعدا اڄا تائين وفا ناهن ڪيا ويا. علائقي جا رهواسي بجلي، گئس، پاڻي سميت ٻين بنيادي سهولتن کان محروم زندگي گذاري رهيا آهن. متاثرشخص اعليٰ اختيارين کان نوٽيس وٺي علائقي جي رهواسين کي بنيادي ۽ ميونسپل سهولتون فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا — سنڌيار — 16

محمد موسيٰ گوندل، ڪميٽي ميمبرن سينيئر صحافين قاضي ذوالفقار، زاهد حسين راڄپر ۽ شاهد احمد خانزاده شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ جن جي فارمن جي لاڳاپيل ادارن کان تصديق ٿي چڪي آهي انهن صحافين کي ايڪريڊيٽيشن ڪارڊ جاري ڪرڻ جي سفارش ڪئي وئي، اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته اطلاعات کاتي جي پاليسي موجب صرف ضلعي رپورٽرن کي ڪارڊ جاري ڪيا ويندا. جڏهن ته ڪميٽي سرڪاري ملازم صحافين ۽ سرڪيوليشن نه هجڻ وارين اخبارن جي نمائندن کي ڪنهن به صورت ۾ ڪارڊ جاري نه ڪرڻ جي سفارش ڪئي ۽ جن فارمن تي ڪوڙي تصديق ۽ ڪوڙيون صحيحون آهن يا جن جي صحافتي ادارن کان تصديق نه ڪئي وئي آهي ۽ انهن کي پنهنجو رپورٽر تسليم نه ڪيو آهي ڪميٽي ميمبرن سفارش ڪئي ته انهن کي بليڪ لسٽ ڪري آئنده ايڪريڊيٽيشن ڪارڊ جاري نه ڪيا وڃن.

بقايا — سنڌيار — 17

سال سزا ۽ 50 هزار روپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي آهي جوابدار تي الزام هيو ته هن ٻن ساٿين سان گڏ انڊس هاءِ وي لڳ ماڇڪائي روڊ تي ميهڙ جي ملوڪ ڪلهوڙو جي رهواسي محمد علي سومرو ۽ ان جي ٻن پٽن عاشق ۽ معشوق سومرو کان هٿيارن جي زور تي 40000 روڪ رقم ۽ 3 موبائل سيٽ ڦرڪيا هئا ۽ مزاحمت تي ڪيس پسٽل جا بٽ هڻي زخمي ڪيو هيو جوابدار مٿان واقعي جو ڪيس ٽرڙي محبت ٿاڻي تي ڏوهه نمبر 26/2023 تحت داخل ڪيو ويو هيو جڏهن ته ڪيس ۾ جاچايل جوابدار تي ڏوهه ثابت ٿيڻ تي عدالت ڪيس سزا ٻڌائي جيل حوالي ڪري ڇڏيو آهي ۽ ڪيس ۾ ٻه وڌيڪ جاچايل جوابدار روپوش آهن

بقايا — سنڌيار — 18

ڏوهاري رڪارڊ مطابق هو دادو پوليس کي 21 ايف آءِ آرن ۾ گهربل هو زخمي ڏوهاري کي علاج لاءِ سول اسپتال دادو آندو ويو آهي ٻئي طرف دادو ۾ ڏوهن تي ضابطو نه اچڻ تي ايس ايس پي دادو بي سيڪشن ٿاڻي تي انسپيڪٽر سعيد احمد چنه کي ايس ايچ او مقرر ڪري ڇڏيو آهي ۽ دادو جي اي سيڪشن ٿاڻي تي انسپيڪٽر محمود احمد پٺاڻ کي ايس ايچ او مقرر ڪيو آهي دادو اي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ شهباز ڪالوني ۾ لياقت مگسي جي آٽوز واري دڪان تان اڻڄاتل ڦورو هٿيارن جي زور تي 4 لک روپيه روڪ رقم ڦر ڪري فرار ٿي ويا، ٻئي طرف ڦلڄي اسٽيشن لنڪ روڊ تي بيرجاري وٽ اڻڄاتل ڦورن ڦلڄي اسٽيشن جي پرائمري استاد ۽ سماجي اڳواڻ جهانگير آرائين کان هٿيارن جي زور تي موبائيل فون، 40 هزار روڪ رقم، . اي ٽي ايم ڪارڊ ڦر ڪري فرار ٿي ويا.

بقايا — سنڌيار — 19

خبر موجب ڪالهه شام 3 وڳي ڌاري بدين ويجهو ڳوٺ جهالار نظاماڻي جي رهواسي صديق لنڊ جو پٽ شاپان گهرن پرسان وهندڙ ميرواهه ۾ وهنجڻ ويو ته واهه جي ڪپ تان وهنجڻ دوران پير ترڪڻ سبب گهري پاڻي ۾ ٻڏي مري ويو. ڳوٺاڻن جي اطلاع تي وارثن ۽ ڳوٺاڻن ساريجا ڳوٺ واري موري وٽان ٻن ڪلاڪن بعد نينگر جو لاش هٿ ڪيو. پوليس اطلاع بعد نينگر جو لاش سول اسپتال بدين ۾ پوسٽ مارٽم لاءِ ڪٿائي پهتي ۽ ضروري ڪاروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو . بدين پوليس ٻڌايو ته فوتي نينگر جي والد صديق لنڊ جي اطلاع بعد سندس چوڻ تي اتفاقي واقعي جي رپورٽ ماڊل ٿاڻي بدين تي داخل ڪئي وئي آهي .

بقايا — سنڌيار — 20

جو لاش ڪيترائي ڪلاڪ ڪمري ۾ پيل رهيو گهر جي مٿين ماڙ تي رهندڙ گهرڀاتين کي خبر ئي نه پئي ڏير سان ڳولا بعد گهر مان لاش ملڻ تي پوليس کي اطلاع ڪيو مقتول جي ڊاڪٽر پٽ ڊاڪٽر علي جان سولنگي جو پوليس کي بيان ڏيندي چيو آهي ته بابا گهر جي گرائونڊ فلور تي اڪيلو رهندو هو مون گهر اندر ڏٺو ته گاڏي نه هئي ڳوٺ چاچا کي ڪال ڪئي ته بابا ڳوٺ آيو آهي چا هنن چيو نه بعد ۾ گهر واري ڪال ڪري اطلاع ڪيو ته بابا جو لاش مليو آهي اسٽيل ٽائون پوليس جو چوڻ هو ته واقعي جي جاچ ڪري رهيا آهيون ڪار به گم آهي ڪرائيم سين سميت مختلف ذريعن سان جاچ ڪئي پئي وڃي لاش ضروري ڪاروائي لاءِ جناح اسپتال منتقل ڪرايو ويو آهي

بقايا — سنڌيار — 21

شڪايتي سيل جو دورو ڪيس ان موقعي تي ڪمشنر سکر ڊويزن عوام سان مخاطب ٿيندي چيو ته جيڪو به دوڪاندار مقرر ڪيل اگهه کان وڌيڪ اگهه وصول ڪري ان خلاف گهنٽا گهر تي قائم شڪايتي سيل تي بروقت شڪايت ڪري ته جيئن ان دوڪاندار خلاف في الفور ڪاروائي عمل ۾ آڻي ان تي ڏنڊ وجهي سندس جو دوڪان سيل ڪيو ويندو هن چيو ته هن ڀلاري مهيني ۾ عوام کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ گهنٽا گهر تي شڪايتي سيل قائم ڪيو ويو آهي ته جيئن عوام جي شڪايت جو بروقت تدارڪ ٿي سگهي، ڊپٽي ڪمشنر سکر چيو ته هن دوڪاندار ۽ عوام جي سيفٽي لاءِ پوليس کي پابند بڻايو ويو آهي، ڊپٽي ڪمشنر سکر فياض احمد مهيسر اسسٽنٽ ڪمشنر سکر سٽي ۽ ٻين لاڳاپيل عملدارن سان گڏجي بازار جو دورو ڪيس هن وڌيڪ ته عوام جي آسانيءَ لاءِ هنن نمبرن ۽ 0719310607 03331268382 تي پڻ رابطو ڪري سگهجي ٿو

بقايا — سنڌيار — 22

بيورو ٽنڊو محمد خان رينجرز. آرمي. آئي ايس آئي سنڌ گورنمنٽ کي درخواست ۽ انصاف لاءِ مطالبي جي گهر ٽنڊو غلام حيدر جي مويا ٽاٽي جي حد مان ڳوٺائي محمد رفيق ڪلو جي مينهن چوري ٿي وئي پوليس ۽ ڳوٺاڻا مشهور پيري نيڪ محمد رند جي مدد سان چورن جا پيرا کنيا ويا چورن جا پيرا تر جي مشهور پاٿاريدار شينهن رند جي گهر ۾ وڃي لڳاءِ ان مينهن جا چور شينهن رند جو پٽ منظور رند ۽ سليم ڪوڪر نڪتا جنهن جي نشاهندي پيري نيڪ محمد رند ڪئي ان وقت هڪ سئو کان وڌيڪ ڳوٺاڻا ۽ پوليس نفري چورن جي گهر وٽ ميڙ جي صورت ۾ موجود هئا ان وقت سڀني جي سامهون شينهن رند مينهن ڏيڻ جي حامي ڀري ۽ قران شريف جا واسطا وجهي ميڙ ختم ڪرايو ۽ پوليس چور کي پڪڙڻ بجاءِ پاٿاريدار شينهن رند سان ڊيل ڪئي شينهن رند مينهن واپس ڪرڻ بجاءِ پنهنجي گهر ۾ کهي ڇڏي جنهن جو گوشت نظرو رند ۽ علي بخش رند جي ڪاچ ۾ رکرو ڪري ڇڏيو ان مينهن جو گوشت نظرو رند ۽ علي بخش رند جي چوکرن جي شادي ۾ استعمال ڪيو ويو ان شادي واري دعوت ۾ مويا پوليس به شرڪت ڪري ان چوري ٿيل مينهن جو گوشت مويا پوليس به کاڌو انهي سڄي ماجرا کان پوءِ مشهور پاٿاريدار چور شادي جي ڪاچ وارا مويا ٿاڻي جي پوليس ايس ايچ او غلام نبي پٽي ۽ ٻيو اسٽاف سميت پاڳيا مشهور پيري نيڪ محمد رند جا جاني دشمن ٿي ويا آهن ان جي غلطي اها آهي جو ان چورن کي واڪو ڪيو ايس ايچ او مويا پيري کي ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ جا خوف ڏنا . چورن پڻ پيري کي قتل ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏنيون ۽ جن جي شادي ۾ مينهن ڪسجي وئي انهن مان نظرو رند ۽ علي بخش رند به پيري نيڪ محمد رند کي ڌمڪائي داپا ڏئي ڪيس چپ رهڻ جي لاءِ خطرناڪ نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون ڏنيون ۽ مويا پوليس پاڳين کي ورغلائي پيري خلاف ڪري ڇڏيو اهڙي صورتحال کان پوءِ پيري نيڪ محمد رند خوف ۾ اچي ويو آهي جڏهن ته پيري نيڪ محمد رند هاءِ بلڊ پريشر جو مريض آهي ايس ايچ او غلام نبي پٽي پوليس نفري سان پيري جي ڳوٺ پهتو جنهن کي گرفتار ڪرڻ جا داپا ڏيندوئي رهيو ۽ ڪوڙو ڪيس داخل ڪرڻ جون ڌمڪيون پڻ ڏنيون ۽ ايس ايچ او غريب پيري کان گهر ۾ پيل ڪاڏي جو سپ اناج وڪڻائي 60 هزار وصول ڪري ويو چور پاڳيا ۽ پوليس ملي ڪري مشهور پيري نيڪ محمد رند جي جان جا دشمن ٿي ويا آهن ان جو ڏوهه اهو آهي جو ان جڳائي ڪري چورن کي واڪو ڪيو آهي ان لاءِ پوليس جي اعلي ۽ معتبر آفيسرن کي گهرجي ته توهان عوام جي جان ۽ مال جا محافظ آهيو توهان ٿي انصاف ڪيو . هي سچي حقيت توهان جي سامهون رکي آهي توهان مان انصاف جي اميد رکون ٿا اگر پيري نيڪ محمد رند کي ڪجهه به ٿيو ان جا ذميوار چور پاٿاريدار پاڳيا ۽ مويا پوليس هوندي . اسان توهان بالا آفيسرن کان انصاف جي اميد رکون ٿا ته هن معاملي جي فوري انڪوائري ڪئي وڃي..

بقايا — سنڌيار — 23

جي گاڏي کي ڪارڪنن ليٽي روڪي ورتو ادارا اسان جا نوڪر آهن سندن مقابلي ۾ عوام وڌيڪ احترام لائق آهي سوين عوامي گاڏين کي ت ڇڏي سگهان ٿو پر ادارن کي ته ڇڏيندس اسان جي وڏڻ ٻه ادارن کي نه مڃيو هو منير حيدر شاه جو آفيسر کي ڪنو جواب اي سي کي به واپس ڪيو ويو ڊي سي جي خاطري تي روڊ ڪوليو ويو تفصيل موجب مانجهند تعلقي جي منظور آباد سميت 20 کان وڌيڪ ڳوٺن جي پيئڻ جو پاڻي بند ٿيڻ خلاف ايس يو پر جي سڏ تي عورتن ٻارڙن سميت ڪارڪنن منظور آباد انڊس هاءِ وي تي شاميانا هڻي 6 ڪلاڪ ڌرڻو هنيو ويو جنهن سبب سيوهڻ جامشورو روڊ تي گاڏين جون ڊگهيون قطارون بيهجي ويون ڌرڻي جي اڳوائي ايس يو پي جو مرڪزي نائب صدر منير حيدر شاه ايس يو پي ليڊيز ونگ جي مرڪزي صدر ياسمين ٽيبو ضلع صدر ائڊوڪيٽ خدا بخش ٽيبو عبداللطيف پنهور ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا ڌرڻي ۾ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي ٽڪاڏين کي ڪارڪنن گاڏين هيٺان ليٽي روڪي ورتو جنهن تي اداري جي آفيسر سيد منير حيدر شاه کي گذارش ڪئي ت کين ڇڏيو وڃي جنهن تي منير حيدر شاه سختي سان منع ڪندي چيو ت ادارا عوامي ٽئڪس تي هلندڙ نوڪر آهن عوام دربدر آهي توهان کي نه وڃڻ ڏينداسين ان کان بهتر آهي ت سوين عوامي گاڏين کي ڇڏيون ادارن جي اسان جي وڏڻ ٻه ڳالهه نه مڃين ت اسان ڪيئن مجنداسين عوام وڌيڪ احترام لائق آهي جنهن بعد ايس ايچ او خاٽوٽ ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر مانجهند محمد علي خاصخيلي پڻ منير حيدر شاه سان ڳالهيون ڪيون پر ڪين ڊي سي جي لکت ۾ خاطري کان سواءِ روڊ کولڻ کان ڪنو جواب ڏئي ڇڏيوان موقعي تي سيد منير حيدر شاه ياسمين ٽيبو خدا بخش ٽيبو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ت پبلڪ هيلٿ کاتي جي نااهلي سبب منظور آباد ۽ ڀرپاسي جي 20 ڳوٺن جو پاڻي بند آهي جنهن سبب 10 هزار آبادي پيئڻ جي پاڻي جي ڊڪ لاءِ پريشان آهي هزارين روپيا خرچ ڪري پيئڻ جو پاڻي خريد ڪرڻ تي مجبور آهن ڪروڙن جي لاڳت جي واٽر سپلاءِ اسڪيم ۾ ڪرپشن ڪري عملدار ۽ ٺيڪيدار ڪم اڌ ۾ ڇڏي غائب ٿي ويا آهن سندن علائقي کي ايس يو پي کي ووٽ ڏيڻ تي پ پ وڏيرن انتقام تحت نظر انداز ڪيو آهي مسئلي جي حل تائين ڌرڻو جاري رهندو هوڏانهن اي سي مانجهند ڊي سي کان لکت وٺي جلد مسئلو حل ڪرڻ جي خاطري ڏياري روڊ کولرايو

بقايا — سنڌيار — 24

سمورن اسسٽنٽ ڪمشنرن ۽ مختيار ڪارن پاران ناجائز منافع خورن خلاف گهيرو تنگ ڪري ڇڏيو _ ڊپٽي ڪمشنر جي هدايت تي سمورن اسسٽنٽ ڪمشنرن ۽ مختيار ڪارن ڪاروائي ڪندي عام واهپي جي شين تي ناجائز منافع خوري ۾ ملوث 29 دڪانن تي 15 هزار 500 روپيا ڏنڊ لاڳو ڪيو جڏهن ته ڪافي دڪاندارن کي وارننگ پڻ ڏني وئي _ ڪاروائيون مرغي ، گوشت . سبزي . فروٽ سميت ڪرياني جي دڪانن تي ڪئي وئي _ ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنرن ۽ مختيار ڪارن جو چوڻ هو ته ناجائز منافع خوري ڪنهن به صورت برداشت نه ڪئي ويندي _ هنن چيو ته جيتري به حد تائين ممڪن هوندو عوام کي رليف فراهم ڪرڻ جي ڪوششون ڪري رهيا آهيون _ هنن دڪاندارن کي سختي سان هدايت ڪئي ته هو مقرر ڪيل قيمتن جون فهرستون نمايان جڳهن تي آويزان ڪرڻ کي يقيني بڻائين _ هنن چيو ته دڪاندار ضروري شين جو ڪرو ضلعي انتظاميه پاران مقرر ڪيل قيمتن تي ڪري پنهنجي قانوني ۽ اخلاقي ذميواري کي يقيني بڻائين ته جيئن عوام کي رمضان المبارڪ جي ڀلاري مهيني ۾ رڌ ڪان وڌ رليف ملي سگهي _

بقايا — سنڌيار — 25

کي پ پ متضاد فيصلو قرار ڏئي ڇڏيو سسئي پليجو جو چوڻ هو ته ظفر محمود هڪ تڪراري شخص آهي جنهن کي ارسا چيئرمين کي مقرر ڪرڻ مناسب ناهي عمل ناهي ظفر محمود ڪالاباغ ڊيم سميت صوبن وچ ۾ پاڻي ورهاست وارن متضاد فيصلن جو حامي رهيو آهي هن جو چوڻ هو ته ظفر محمود نه 91ع ۾ پاڻي معاهدي کي به تسليم نه ڪيو نه وري سنڌ ۽ بلوچستان صوبن جي ڳالهه کي ڪا اهميت نه ڏني ظفر محمود جي مقرري سان سنڌ ۽ ٻين صوبن کي پاڻي جي شفاف ورهاست ۾ مسئلا ٿيندا ۽ سنڌ ۾ وڌيڪ پاڻي جي ڪوٽ پيدا ٿي ويندي سنڌ ۽ ٻين صوبن کي پاڻي جي شفاف ورهاست تي هميشه تحفظات رهيا آهن سسئي پليجو جو چوڻ هو ته ربيع ۽ خريف ۾ جيڪڏهن سنڌ کي پاڻي نه مليو ته لکين آبادگار فاقا ڪشي جا شڪار ٿي ويندا. ڪوٽڙي ڊائون اسٽريم ڪان هيٺ جي صورتحال پاڻي جي غير منصفاڻي ورچ جي هڪ تصوير آهي ته نه تحفي ۾ ڏنل زمينن کي آباد ڪرڻ لاءِ پورو سال ٿلهه ڪئنال کولڻ جي حمايتي شخص کي ارسا چيئرمين مقرر ڪرڻ ٺنڊن صوبن سان زيادتي ٿيندي ظفر محمود جي مقرري بدران ڪنهن غير جانبدار پاڻي ماهر کي ارسا جو چيئرمين مقرر ڪيو وڃي ته جيئن ارسا جي حوالي سان ٿيندڙ متضاد فيصلن تي پيدا ٿيل خدشا ختم ٿين ۽ صوبن مان بيچيني ختم ٿي سگهي

بقايا — سنڌيار — 26

روشن. نازي، آمي، گلناز ۽ حسد سولنگي سميت هڪ ئي گهر جا 11 ماڻهو نفسياتي وائرس هٿڻ سبب چريو بنجڻ جو انڪشاف ٿيو آهي، ڳوٺ ۾ هڪ ئي گهر جي 11 ماڻهن جي چرئي ٿيڻ بعد سڄي ڳوٺ ۾ خوف ۽ هراس ڇانئجي ويو. ڳوٺ الهڏنو سولنگي جي چڱي مڙس غني سولنگي ۽ ٻين موجب گهر ڌڻي ايوب سولنگي جو پٽ غلام حسين سولنگي حيدرآباد ۾ مزدوري ڪندو هو 4 ڏينهن اڳ ڳوٺ آيو هو ۽ گهر ۾ چرين واريون عجيب و غريب حرڪتون ڪندو رهيو. جنهن ڪانپوءِ گهرجي سمورن ڀاتين کي اهو وائرس لڳي ويو سمورا ڀاتي ريڙه جهيڙو ۽ هڪ ٻئي کي ڪاٽڻ پٽڻ لڳا. ڳوٺاڻن ٻڌايو ڏا ڄ صبح سڀني گهر ڀاتين گڏجي هڻن ۾ ڏانتا ۽ ڪهاڙيون لئبون ڪٽي گهر ۾ بيٺل پلوڙ ميڻهن تي تشدد ڪري ڪيس ڪهي وڌو، گهر ۾ هل هنگامي ۽ رڙين تي ڳوٺن وارن پهچي ڌهتي تواڙن وجائيندڙ سمورن گهرڀاتين کي رسن سان ٻڌي انتظاميا کي طلب ڪيس هوڏانهن ڊپٽي ڪمشنر سجاول جي نوٽيس وٺڻ بعد صحت کاتي سجاول جي ٽيم ۽ ڏڙو پوليس متاثر ڳوٺ پهتي. ڳوٺ پهتل ڊاڪٽر جعفر عالماڻي موجب شروعاتي طور تي سمورن متاثر ذهني مريضن کي سجاول سول اسپتال منتقل ڪيو پيو وڃي. چڪاس بعد سمورن ماڻهن کي ڪراچي يا حيدرآباد جي دماغي اسپتال منتقل ڪيو ويندو.

بقايا — سنڌيار — 27

اپيل رد ڪندي فرسٽ ايڊيشنل سيشن جج نوشهروفيروز پاران جوابدار کي سزا 6 موت وارو فيصلو برقرار رکي ڇڏيو ياد رهي ته تيرهن سال اڳ محرابپور جي وارڊ نمبر ياڙهن ۾ جوابدار اصغر ڪمبوه 7 ورهين جي معصوم نينگري نمرا ڌي مشتاق ڪمبوه کي اغوا ڪري سائس سان جنسي حرڪت ڪرڻ بعد ڪيس گهٽا ڏئي قتل ڪري لاش ويران کوهه ۾ ڦٽو ڪري ڇڏيو هئو محرابپور پوليس مقتولا نياڻي نمرا جي پي مشتاق ڪمبوه جي فرياد تي واقعي جو ڪيس داخل ڪري ڪاروائي ڪندي جوابدار اصغر ڪمبوه کي گرفتار ڪري جيل منتقل ڪري ڇڏيو هئو

بقايا — سنڌيار — 28

حد تائين پکڙجي وئي آهي جڏهن ته ڳوٺ ۾ 80 کان وڌيڪ معصوم ٻارڙا ارڙي ۾ ولجي ويا آهن معلوم ٿيو آهي ته ڳوٺ ۾ عمار پٽ وحيد پنهور، الفت ۽ شگفته ڌي شاهد پنهور، تهمينه ڌي سيف الدين پنهور، مدثر ولد عليم پنهور ،رکيا ۽ اڪشا ڌي عبدالقيوم پنهور عذير پٽ عبدالعزيز پنهور جي ٻارڙن جي ارڙي سبب نازڪ حالت آهي جن کي دادو جي خانگي اسپتالن ۾ داخل ڪيو ويو آهي جڏهن ته ڳوٺاڻن پاران صحت کاتي کي آگاهي ڏيڻ جي باوجود ٻهي ڳوٺن ۾ صحت کاتي دادو پاران ارڙي کان بچاءَ لاءِ ڪي به جوڳا انتظام نه ڪيا ويا آهن جڏهن نه رابطي ڪرڻ تي ڳوٺاڻن شاهد پنهور، عليم پنهور، عبدالقيوم پنهور سوپ کي ٻڌايو ته اسان جي ڳوٺ ۾ گذريل 15 ڏينهن کان ارڙي ڦهليل آهي جنهن جي ڪري ڳوٺ جا 80 کان وڌيڪ معصوم ٻارڙا ارڙي ۾ مبتلا ٿي ويا آهن دادو صحت کاتي کي لکت ۾ به پيرا درخواستون ڏئي آيا آهيون پر افسوس 11 ڏينهن گذرڻ جي باوجود بهي اسان جي ڳوٺ ۾ ڪا به ارڙي جي ٽيم نه پهتي

بقايا — سنڌيار — 29

مظاهرو. ڪنڊ ڪوٽ پوليس خلاف سخت نعريبازي، ڪنڊڪوٽ پوليس شريف شهرين کي حراسان ڪري رهي آهي جيڪو غلط عمل آهي. عبدالرحمن سبزوئي کي فوري طور تي آزاد ڪري ايس ايچ او خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي خير محمد مگسي، اصغر سبزوئي، پير بخش بهلڪاڻي تفصيل موجب ڪنڊڪوٽ پوليس پاران بنا جواز چيف آف سبزوئي جام عبدالرحمن خان سبزوئي جي گرفتاري خلاف گهڪهر ۾ سبزوئي برادري جي ديدار علي سبزوئي، غلام اصغر سبزوئي ۽ سنڌ ترقي پسند پارٽي طرفان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. ان موقعي تي سنڌ ترقي پسند پارٽي جي اڳواڻ خير محمد مگسي، پير بخش بهلڪاڻي، راڻوخان زهراڻي، شمشاد زهراڻي، رجب علي زهراڻي، علي مگسي سميت ڪارڪنن ۽ سبزوئي برادري جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. مظاهرين ڪنڊ ڪوٽ پوليس انتظاميا خلاف سخت نعريبازي ڪئي. ان موقعي تي اڳواڻن ملير جي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته جام عبدالرحمان خان سبزوئي انتهائي شريف ۽ معزز ماڻهو آهي شريف شهرين کي حراسان ڪرڻ غير قانوني ۽ غلط عمل آهي جنهن جي مذمت ڪيون ٿا. هنن چيو ته ڏوهارين جي ساٿاري ايس ايچ او مولابخش بگٽي خلاف قانوني ڪارروائي ڪري جام عبدالرحمان خان سبزوئي کي آزاد ڪيو وڃي بي صورت ۾ احتجاجي تحريڪ هلائي مين نيشنل هاءِ وي بلاڪ ڪيو ويندو

بقايا — سنڌيار — 30

پاران هڪ ٻئي مٿان سگهيون پوليس چونڪي تي اين سي داخل پوليس ٻنهي ڌرين جا ٻه ٻه ماڻهون گرفتار ڪري ورتا. تفصيل موجب. سگهيون ۽ مگسيجا برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ گهرو معاملي تان جهيڙو ٻنهي ڌرين جا چار ماڻهون زخمي ٿي پيا آهن جڏهن ته نياز مگسيجو ۽ يامين مگسيجو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڏٿي بخش مگسيجو کي اسان جي پيڻ ڏنل آهي جنهن تي هو روزانو تشدد ڪندو آهي. جنهن تان منع ڪرڻ تي ڏٿي بخش مگسيجو. وسيم مگسيجو عباس ۽ امتياز مگسيجو محمد علي ۽ ٻين بااثر وڏيري خادم حسين مگسيجو جي چرچ تي اسان مٿان لئين ۽ ڏنڊن سان حملو ڪري زخمي ڪري ڇڏيو آهي. جنهن جي اسان اين سي ٻه پڻ داخل ڪرائي آهي. ٻئي پاسي ڏٿي بخش مگسيجي ٻڌايو ته اسان مال چاري رهيا هئا سين ته يامين مگسيجوءِ نياز مگسيجو پٽڻ سميت گهرجي معمولي ڳالهه تان اسان کي لٺيون هڻي زخمي ڪري ڇڏيو آهي. جڏهن ته سگهيون پوليس ٻنهي ڌرين جا چار ماڻهون گرفتار ڪري ۽ زخمين کي ليٽر ڏئي سيوهڻ اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو آهي

بقايا — سنڌيار — 31

روڪ رقم. موبائيل فونون ڦر ڪري فرار ٿي ويا. وين مسافرن جو ايس ايس پي چوڪ تي پاڻ سان ٿيل وارداتن تي احتجاجي ڌرڻو هنيو ان موقعي تي دادو اي سيڪشن، دادو بي سيڪشن پوليس جا ايس ايچ اوز ۽ اهلڪارن ۽ روميين پوليس انسپيڪٽر بينظير جمالي مظاهرين سان ڳالهيون ڪري احتجاجي ڌرڻو ختم ڪرايو ۽ دادو پوليس مظاهرين کي خاطري ڪرائي ته ڦر واقعي ۾ ملوث ڌوهارين خلاف ڪاروائي ڪري اوهان جو لٽيل سامان واپس ڪرايو ويندو هوڏانهن معلوم ٿيو آهي ته متاثر وين مسافرن جو تعلق ڪنديارو شهر سان ٻڌايو پيو وڃي ۽ پيرزاده برادري جا ماڻهو وين ۾ سوار هئا جيڪي سيتا روڊ ٿاڻي جي حد ۾ ڳوٺ مريد لاکير ۾ هڪ تعزيت تي ويل هئا واپسي تي انهن سان ڦر واقعو پيش آيو.

بقايا — سنڌيار — 32

اجان تائين ڌاڙيلن وٽ قيد. اڄ 10 ڏينهن به ايس ايس پي آفيس آڏو ڌرڻو جاري. مختلف سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن ڪارڪنن. .شهرين جي شرڪت. ضلعي جو امن امان انتظاميا هٿ سان خراب ڪرايو آهي اغوا جون وارداتون ۾ اضافو ٿي ويو آهي ايس ايس پي گهوٽڪي انور ڪيتران مغوين جي وارثن کي چوي ٿو ته پنگ پري پنهنجا ماڻهون پاڻ آزاد ڪرايو جيڪا سندن وڏي نااهلي ۽ زيادتي آهي. سماجي ڪارڪن نصرالله گڏاڻي تفصيل موجب هڪ مهينو اڳ اغوا ٿي ويل رتڪ ڪمار اجان تائين ڌاڙيلن وٽ قيد آهي. ان حوالي سان سياسي سماجي تنظيمن . صحافين ۽ شهرين پاران اڄ 10 ڏينهن به ايس ايس پي آفيس آڏو ڌرڻو جاري رهيو. جنهن ۾ مختلف سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن ڪارڪنن. .شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي آهي. ان موقعي تي نصر گڏاڻي. ڪڪو رام اسماعيل دليپ ڪمار امڙ حال سريچند عبدالغفار پتافي وحيد سنڌهيءَ ٻين چيو ته گهوٽڪي ضلعي جو امن امان انتظاميا هٿ سان خراب ڪرايو آهي ڌاڙيلن سان ڊيل به پوليس خود ڪري ٿي هنن وڌيڪ چيو ته ايس ايس پي گهوٽڪي انور ڪيتران مغوين جي وارثن کي چوي ٿو ته پنگ پري پنهنجا ماڻهون پاڻ آزاد ڪرايو جيڪا سندن وڏي زيادتي آهي هنن چيو جاڳايل اڳواڻن مطالبو ڪيو ته ايس ايس پي گهوٽڪي انور ڪيتران کي هٽائي ڪري ٻيو ايماندار ايس ايس پي گهوٽڪي مقرر ڪري ضلعي گهوٽڪي جي مغوين کي بازياب ڪرائي امن امان قائم ڪيو وڃي بي صورت ۾ لڳايل ڌرڻو جاري رهندو

بقايا — سنڌيار — 33

عام واهپي جي شين سميت سبزي ڀاجي گوشت ۽ ٻين شين جي سرڪاري اگهن تي وڪري کي يقيني بڻائڻ لاءِ اسسٽنٽ ڪمشنرز، مختيارڪارن ۽ ٻين عملدارن پاران مارڪيٽن، بازارن ۾ ٻين هنڌن جو دورو، خلاف ورزي ڪرڻ وارن خلاف ڪاروائي، 54 هزار 200 کان وڌيڪ ڏنڊ ۽ وصولي. تفصيل موجب رمضان المبارڪ دوران عام ماڻهن کي رليف ڏيڻ بابت ڊپٽي ڪمشنر سيد احمد فواد شاهه جي هدايت تحت اسسٽنٽ ڪمشنر خيرپور سيد محمد علي شاهه، مختيار ڪار محمد اڪرم ، شيراز قلبوٽو، سيد آصف علي زيدي، ظهور احمد، انسپيڪٽر مارڪيٽ ڪاميٽي فياض وسان ۽ ٻين کي ساڻ ڪري شهر جي مختلف مارڪيٽن ۽ بازارن جو دورو ڪيو انهي ريت ڪنگري، ڪوٽ ڏجي، صوبوديرو، فيض گنج، ٺري ميرواهه، نارا ۽ گمبٽ جي اسسٽنٽ ڪمشنرن مختيارڪارن بيورو آف سپلاءِ، مارڪيٽ ڪاميٽي، روينيو ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن سان گڏجي مارڪيٽن. بازارن ۽ ٻين هنڌن تي پرائس چيڪنگ ڪندي خلاف ورزي ڪرڻ تي 56 هزار 200 کان وڌيڪ ڏنڊ هڻي موقعي تي ئي وصولي ڪئي.

بقايا — سنڌيار — 34

موجب سن بس اسٽاپ انڊس هاءِ وي تي 17 ورهين جي سڪرنڊ جي ڳوٺ هاشم ڪيريو واسي نينگر ساجد علي پٽ حمل مگهڻهار جي لاش کي وڏا ڇچرايت سن پوليس پوسٽ مارٽم لاءِ تعلقه اسپتال مانجهند آندو جتي سندس وارث به پهچي ويا ايس ايچ او پير ممتاز ٻڌايو ت نينگر جي بيهوشي جو اطلاع مليو ڪيس مانجهند ڪٺائي آياسين جتي سندس موت جي تصديق ٿي نينگر جي جسم تي ڪو به زخم جو نشان نه هو وڌيڪ جيئڻ ئي پوسٽ مارٽم رپورٽ ايندي ت خبر پوندي اسپتال ۾ موجود ڊاڪٽر ٻڌايو ت نينگر جي جسم جا سيمپل ورتا اٿئون ويهڪ واري جڳهه جي نازڪ آندي مان رت وهي رهيو هو وڌيڪ رپورٽ اچڻ تائين ڪجهه چئي نٿو سگهجي هوڏانهن اسپتال جي ملازم ٻڌايو ت فوتي جا وارث سخت خوف حراس ۾ ورتل هئا لاش کي جلدي ۾ کڻائي ويا هئن ٻڌايو ت نينگر ٽريڪٽر ٽرالي مان ڪري پيو جنهن کي پويان اينڊ ڪار وارو بي هوشي جي حالت ۾ اسپتال کڻائي آيو ۽ پوليس کي پڻ اطلاع ڏنو

بقايا — سنڌيار — 35

بيورو ٽنڊو محمد خان رينجرز. آرمي. آئي ايس آئي سنڌ گورنمنٽ کي درخواست ۽ انصاف لاءِ مطالبي جي گهر ٽنڊو غلام حيدر جي مويا ٽاٽي جي حد مان ڳوٺائي محمد رفيق ڪلو جي مينهن چوري ٿي وئي پوليس ۽ ڳوٺاڻا مشهور پيري نيڪ محمد رند جي مدد سان چورن جا پيرا کنيا ويا چورن جا پيرا تر جي مشهور پاٿاريدار شينهن رند جي گهر ۾ وڃي لڳاءِ ان مينهن جا چور شينهن رند جو پٽ منظور رند ۽ سليم ڪوڪر نڪتا جنهن جي نشاهندي پيري نيڪ محمد رند ڪئي ان وقت هڪ سئو کان وڌيڪ ڳوٺاڻا ۽ پوليس نفري چورن جي گهر وٽ ميڙ جي صورت ۾ موجود هئا ان وقت سڀني جي سامهون شينهن رند مينهن ڏيڻ جي حامي ڀري ۽ قران شريف جا واسطا وجهي ميڙ ختم ڪرايو ۽ پوليس چور کي پڪڙڻ بجاءِ پاٿاريدار شينهن رند سان ڊيل ڪئي شينهن رند مينهن واپس ڪرڻ بجاءِ پنهنجي گهر ۾ کهي ڇڏي جنهن جو گوشت نظرو رند ۽ علي بخش رند جي ڪاچ ۾ رکرو ڪري ڇڏيو ان مينهن جو گوشت نظرو رند ۽ علي بخش رند جي چوکرن جي شادي ۾ استعمال ڪيو ويو ان شادي واري دعوت ۾ مويا پوليس به شرڪت ڪري ان چوري ٿيل مينهن جو گوشت مويا پوليس به کاڌو انهي سڄي ماجرا کان پوءِ مشهور پاٿاريدار چور شادي جي ڪاچ وارا مويا ٿاڻي جي پوليس ايس ايچ او غلام نبي پٽي ۽ ٻيو اسٽاف سميت پاڳيا مشهور پيري نيڪ محمد رند جا جاني دشمن ٿي ويا آهن ان جي غلطي اها آهي جو ان چورن کي واڪو ڪيو ايس ايچ او مويا پيري کي ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ جا خوف ڏنا . چورن پڻ پيري کي قتل ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏنيون ۽ جن جي شادي ۾ مينهن ڪسجي وئي انهن مان نظرو رند ۽ علي بخش رند به پيري نيڪ محمد رند کي ڌمڪائي داپا ڏئي ڪيس چپ رهڻ جي لاءِ خطرناڪ نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون ڏنيون ۽ مويا پوليس پاڳين کي ورغلائي پيري خلاف ڪري ڇڏيو اهڙي صورتحال کان پوءِ پيري نيڪ محمد رند خوف ۾ اچي ويو آهي جڏهن ته پيري نيڪ محمد رند هاءِ بلڊ پريشر جو مريض آهي ايس ايچ او غلام نبي پٽي پوليس نفري سان پيري جي ڳوٺ پهتو جنهن کي گرفتار ڪرڻ جا داپا ڏيندوئي رهيو ۽ ڪوڙو ڪيس داخل ڪرڻ جون ڌمڪيون پڻ ڏنيون ۽ ايس ايچ او غريب پيري کان گهر ۾ پيل ڪاڏي جو سپ اناج وڪڻائي 60 هزار وصول ڪري ويو چور پاڳيا ۽ پوليس ملي ڪري مشهور پيري نيڪ محمد رند جي جان جا دشمن ٿي ويا آهن ان جو ڏوهه اهو آهي جو ان جڳائي ڪري چورن کي واڪو ڪيو آهي ان لاءِ پوليس جي اعلي ۽ معتبر آفيسرن کي گهرجي ته توهان عوام جي جان ۽ مال جا محافظ آهيو توهان ٿي انصاف ڪيو . هي سچي حقيت توهان جي سامهون رکي آهي توهان مان انصاف جي اميد رکون ٿا اگر پيري نيڪ محمد رند کي ڪجهه به ٿيو ان جا ذميوار چور پاٿاريدار پاڳيا ۽ مويا پوليس هوندي . اسان توهان بالا آفيسرن کان انصاف جي اميد رکون ٿا ته هن معاملي جي فوري انڪوائري ڪئي وڃي..

بقايا — سنڌيار — 36

سان روڊ سيفٽي بابت سيمينار ڪرايو ويو. جنهن ۾ خيرپور زرعي ڪاليج جي استادن ۽ شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت. سيمينار کي خطاب ڪندي موٽروي پوليس جي آفيسر سرفراز خان خيرپور زرعي ڪاليج جي ملازمن ۽ شاگردن کي روڊ سيفٽي جي باري ۾ ڄاڻ ڏيندي چيو ته روڊ تي هلندڙ هر اهو ماڻهو جيڪو گاڏي هلائيندو هجي اهو هڪ ذميوار ڊرائيور آهي ڊرائيور جو مطلب آهي ته پنهنجي ۽ ٻين جي زندگي جوخيال رکڻ مطلب هڪ ڪوچ ڊرائيور جيڪو ڊرائيونگ ڪندو آهي ان ڪوچ ۾ لڳ ڀڳ 50 کان 60 مسافر سوار هوندا آهن هائي ان مسافرن جي زندگي انهيءَ ڊرائيور جي هٿ ۾ آهي ته اهو ذميواري سان ڊرائيونگ ڪري ۽ انهن مسافرن کي پنهنجي منزل تي پهچائي. اسان جي ملڪ ۾ هر سال هڪ اندازي مطابق 15000 ماڻهو روڊ حادثن سبب پنهنجي زندگي وڃائي ويهن ٿا اهي حادثا تڏهن پيش ايندا آهن جڏهن اسان لاپرواهي ڪندا آهيون پر جيڪڏهن اسان پنهنجي ذميواري سان ڊرائيونگ ڪيون ته اسان ڪيترن ئي ماڻهن جي زندگي بچائي سگهون ٿا. موٽرسائيڪل تي سواري ڪرڻ مهل هيلمنٽ جو استعمال ڪرڻ لازم هجڻ گهرجي چوجو زندگي رب پاڪ جي طرفان مليل هڪ نعمت آهي اها زندگي بار بار ناهي ملندي. گاڏي ڊرائيونگ ڪرڻ مهل موبائل فون جو استعمال نه ڪرڻ گهرجي چو جو ڪافي حادثا ان جي ڪري به ٿين ٿا ۽ سيٽ بيلٽ جو استعمال لازم ڪرڻ گهرجي موٽروي پوليس 24 ڪلاڪ روڊس تي ڊيوٽي ڏيڻ لاءِ موجود هوندي آهي ته جيئين روڊ تي سفر ڪندڙ ڊرائيورن کي مختلف مختلف هنڌن تي ڄاڻ ڏيندي آهي ته احتياط سان ڊرائيونگ ڪيو چو جو انهن ڊرائيورنگ جي پويان قيمتي جانيون آهن انهن جو خيال رکڻ ان جي ذميواري آهي.

بقايا — سنڌيار — 37

۽ سخت چيڪنگ جي پابندي سان هدايت جاري ڪئي وئي آهي رمضان المبارڪ جي مهيني ۾ 325 کان وڌيڪ پوليس آفيسر ۽ جوانن مسجدن امام بارگاهن رمضان بجت بازارن ۽ تراويح نماز دوران سيڪيورٽي جا فرائض سر انجام ڏيندا ۽ ان حوالي سان پوليس سيڪيورٽي ڪئمپ پڻ قائم ڪئي وئي آهي سموري ضلعي اندر ننڍين وڏين مسجدن امام بارگاهن ۽ ٻين عبادت گاهن ۾ نماز تراويح جي ادائيگي جي موقعي تي پوليس مقرر ڪيا ويا آهن ۽ پوليس فائيٽر پوليس موبائيل ۽ جوان پاران شهر جي ننڍين وڏين گلين ۾ پيٽرولنگ جاري رکندا ان کان علاوه ٽريفڪ پلان ۽ امن امان جي حوالي سان شاهي بازار پاڪستاني چوڪ واڻ بازار مسجد علي چوڪ مير جو پڙ چانڊني چوڪ مرتضه چوڪ سميت شهر جي اهم جائن تي چوڪن تي پوليس جا جوان ۽ ليڊي پوليس ڊيوٽي سرانجام ڏيندين ۽ تمام نمازين جي حفاظت کي يقيني بڻائڻ ڏسان گڏوگڏ سيڪيورٽي انتظام کي يقيني بڻائڻ لاءِ سئنير پوليس آفيسر ڊيوٽي تي موجود نفري کي چيڪ ڪندا ۽ سيڪيورٽي انتظام جو جائزو وٺندا ۽ ضلعي جي تمام انٽري ۽ ايگزٽ پوائينٽن تي سنيپ چيڪنگ جي عمل کي وڌيڪ سخت ڪرڻ جي ايس ايس پي پاران هدايت پڻ جاري ڪئي وئي آهي تمام ڊي ايس پيز ايس ايچ اوز پنهنجي اسٽاف سميت چيڪنگ ۾ حصو وٺندا ۽ دوران چيڪنگ رش ڪندڙ متعدد گاڏين وارن خلاف قانوني ڪاروائي عمل پڻ آڻن جو فيصلو ڪيو ويو آهي ان موقعي تي گاڏين ۾ لڳل ڪارن شيشن فينسي نمبر پليٽ پوليس بليو لائٽ ۽ تيز لائيٽ گاڏين مان ڪڍيون وينديون ۽ بغير نمبر پليٽ بغير ڪاغذات وارين گاڏين جي خلاف پڻ قانوني ڪاروائي عمل ۾ آندي ويندي

بقايا — سنڌيار — 38

جي پرامن احتجاج تي ٽيل پوليس جي تشدد واري ڪاروائين خلاف احتجاج . سڄي سنڌ ۾ مظاهرا ڪرڻ جو اعلان . خبر موجب ٽنڊو محمد خان ۾ سنڌ سڀا طرفان سنڌ جي قومي ڪارڪنن کي کنيي کٿي گم ڪرڻ جي واقعن ۽ حيدرآباد ۾ پرامن احتجاج تي سنڌ جي نياڻين قومي ڪارڪنن تي وحشاڻي تشدد جي ڪاروائين تي پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو . احتجاجي مظاهري ڪي سنڌ سڀا جي سربراه انعام سنڌي مخاطب ٿيندي چيو ته سنڌ حڪمران لاءِ ڪا به اهميت نه رکي ٿي . جنهن جي ڪري سنڌ مان ڪنيي گم ڪيل قومي ڪارڪنن جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪرڻ باوجود وفاقي ۽ صوبائي سرڪار ڪو به نوٽيس نه ورتو آهي نه وري ٽئين چونڊيل سرڪار سنڌ جي قومي ڪارڪنن سان همدردي جو اظهار اجان تائين ڪيو آهي جنهن مان ثابت آهي ته وفاقي ۽ صوبائي سرڪار سنڌ جي قومي ڪارڪنن جي جبري ڪنيي ڪٿي گم ڪيل جي گمشدگين جي بابت سندن رويو سنڌ دشمن سازش جو حصو بڻيل آهي . سنڌ جي قومي ڪارڪنن جي بازيابي لاءِ حيدرآباد ۾ پرامن احتجاج تي جيڪو وحشاڻو تشدد ڪيو ويو ان ۾ سنڌ جي قومي نياڻين ۽ قومي ڪارڪنن کي تشدد جو نشانو بڻايو ويو ۽ سندن ڪيل گرفتارين سان ثابت ٿئي ٿو ته سنڌ جا ڪنيي گم ڪيل قومي ڪارڪن حڪمران لاءِ ڪا به اهميت نٿا رکن حڪمران سنڌ جي قومي ڪارڪنن کي هن ملڪ جو عوام سمجهڻ کان به لنوائي رهيا آهن جنهن جو عالمي ادارن کي نوٽيس وٺڻ گهرجي . ڪنيي گم ڪيل قومي ڪارڪن آزاد ڪيا وڃن ۽ حيدرآباد ۾ تشدد جي واقعن جو نوٽيس وٺي ملوث اهلڪارن خلاف قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي بي صورت ۾ سڄي سنڌ ۾ احتجاجي مظاهرا ڪيا ويندا. ان موقعي تي ساجد سنڌي ۽ ٻيا قومي ڪارڪن پڻ موجود هئا .

بقايا — سنڌيار — 39

جي گاڏي کي ڪارڪنن ليٽي روڪي ورتو ادارا اسان جا نوڪر آهن سندن مقابلي ۾ عوام وڌيڪ احترام لائق آهي سوين عوامي گاڏين کي ت ڇڏي سگهان ٿو پر ادارن کي ته ڇڏيندس اسان جي وڏڻ ٻه ادارن کي نه مڃيو هو منير حيدر شاه جو آفيسر کي ڪنو جواب اي سي کي به واپس ڪيو ويو ڊي سي جي خاطري تي روڊ ڪوليو ويو تفصيل موجب مانجهند تعلقي جي منظور آباد سميت 20 کان وڌيڪ ڳوٺن جي پيئڻ جو پاڻي بند ٿيڻ خلاف ايس يو پر جي سڏ تي عورتن ٻارڙن سميت ڪارڪنن منظور آباد انڊس هاءِ وي تي شاميانا هڻي 6 ڪلاڪ ڌرڻو هنيو ويو جنهن سبب سيوهڻ جامشورو روڊ تي گاڏين جون ڊگهيون قطارون بيهجي ويون ڌرڻي جي اڳوائي ايس يو پي جو مرڪزي نائب صدر منير حيدر شاه ايس يو پي ليڊيز ونگ جي مرڪزي صدر ياسمين ٽيبو ضلع صدر ائڊوڪيٽ خدا بخش ٽيبو عبداللطيف پنهور ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا ڌرڻي ۾ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي ٽڪاڏين کي ڪارڪنن گاڏين هيٺان ليٽي روڪي ورتو جنهن تي اداري جي آفيسر سيد منير حيدر شاه کي گذارش ڪئي ت کين ڇڏيو وڃي جنهن تي منير حيدر شاه سختي سان منع ڪندي چيو ت ادارا عوامي ٽئڪس تي هلندڙ نوڪر آهن عوام دربدر آهي توهان کي نه وڃڻ ڏينداسين ان کان بهتر آهي ت سوين عوامي گاڏين کي ڇڏيون ادارن جي اسان جي وڏڻ ٻه ڳالهه نه مڃين ت اسان ڪيئن مجنداسين عوام وڌيڪ احترام لائق آهي جنهن بعد ايس ايچ او خاٽوٽ ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر مانجهند محمد علي خاصخيلي پڻ منير حيدر شاه سان ڳالهيون ڪيون پر ڪين ڊي سي جي لکت ۾ خاطري کان سواءِ روڊ کولڻ کان ڪنو جواب ڏئي ڇڏيوان موقعي تي سيد منير حيدر شاه ياسمين ٽيبو خدا بخش ٽيبو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ت پبلڪ هيلٿ کاتي جي نااهلي سبب منظور آباد ۽ ڀرپاسي جي 20 ڳوٺن جو پاڻي بند آهي جنهن سبب 10 هزار آبادي پيئڻ جي پاڻي جي ڊڪ لاءِ پريشان آهي هزارين روپيا خرچ ڪري پيئڻ جو پاڻي خريد ڪرڻ تي مجبور آهن ڪروڙن جي لاڳت جي واٽر سپلاءِ اسڪيم ۾ ڪرپشن ڪري عملدار ۽ ٺيڪيدار ڪم اڌ ۾ ڇڏي غائب ٿي ويا آهن سندن علائقي کي ايس يو پي کي ووٽ ڏيڻ تي پ پ وڏيرن انتقام تحت نظر انداز ڪيو آهي مسئلي جي حل تائين ڌرڻو جاري رهندو هوڏانهن اي سي مانجهند ڊي سي کان لکت وٺي جلد مسئلو حل ڪرڻ جي خاطري ڏياري روڊ کولرايو

بقايا — سنڌيار — 40

اجان تائين ڌاڙيلن وٽ قيد. اڄ 10 ڏينهن به ايس ايس پي آفيس آڏو ڌرڻو جاري. مختلف سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن ڪارڪنن. .شهرين جي شرڪت. ضلعي جو امن امان انتظاميا هٿ سان خراب ڪرايو آهي اغوا جون وارداتون ۾ اضافو ٿي ويو آهي ايس ايس پي گهوٽڪي انور ڪيتران مغوين جي وارثن کي چوي ٿو ته پنگ پري پنهنجا ماڻهون پاڻ آزاد ڪرايو جيڪا سندن وڏي نااهلي ۽ زيادتي آهي. سماجي ڪارڪن نصرالله گڏاڻي تفصيل موجب هڪ مهينو اڳ اغوا ٿي ويل رتڪ ڪمار اجان تائين ڌاڙيلن وٽ قيد آهي. ان حوالي سان سياسي سماجي تنظيمن . صحافين ۽ شهرين پاران اڄ 10 ڏينهن به ايس ايس پي آفيس آڏو ڌرڻو جاري رهيو. جنهن ۾ مختلف سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن ڪارڪنن. .شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي آهي. ان موقعي تي نصر گڏاڻي. ڪڪو رام اسماعيل دليپ ڪمار امڙ حال سريچند عبدالغفار پتافي وحيد سنڌهيءَ ٻين چيو ته گهوٽڪي ضلعي جو امن امان انتظاميا هٿ سان خراب ڪرايو آهي ڌاڙيلن سان ڊيل به پوليس خود ڪري ٿي هنن وڌيڪ چيو ته ايس ايس پي گهوٽڪي انور ڪيتران مغوين جي وارثن کي چوي ٿو ته پنگ پري پنهنجا ماڻهون پاڻ آزاد ڪرايو جيڪا سندن وڏي زيادتي آهي هنن چيو جاڳايل اڳواڻن مطالبو ڪيو ته ايس ايس پي گهوٽڪي انور ڪيتران کي هٽائي ڪري ٻيو ايماندار ايس ايس پي گهوٽڪي مقرر ڪري ضلعي گهوٽڪي جي مغوين کي بازياب ڪرائي امن امان قائم ڪيو وڃي بي صورت ۾ لڳايل ڌرڻو جاري رهندو

بقايا — سنڌيار — 41

۽ سخت چيڪنگ جي پابندي سان هدايت جاري ڪئي وئي آهي رمضان المبارڪ جي مهيني ۾ 325 کان وڌيڪ پوليس آفيسر ۽ جوانن مسجدن امام بارگاهن رمضان بجت بازارن ۽ تراويح نماز دوران سيڪيورٽي جا فرائض سر انجام ڏيندا ۽ ان حوالي سان پوليس سيڪيورٽي ڪئمپ پڻ قائم ڪئي وئي آهي سموري ضلعي اندر ننڍين وڏين مسجدن امام بارگاهن ۽ ٻين عبادت گاهن ۾ نماز تراويح جي ادائيگي جي موقعي تي پوليس مقرر ڪيا ويا آهن ۽ پوليس فائيٽر پوليس موبائيل ۽ جوان پاران شهر جي ننڍين وڏين گلين ۾ پيٽرولنگ جاري رکندا ان کان علاوه ٽريفڪ پلان ۽ امن امان جي حوالي سان شاهي بازار پاڪستاني چوڪ واڻ بازار مسجد علي چوڪ مير جو پڙ چانڊني چوڪ مرتضه چوڪ سميت شهر جي اهم جائن تي چوڪن تي پوليس جا جوان ۽ ليڊي پوليس ڊيوٽي سرانجام ڏيندين ۽ تمام نمازين جي حفاظت کي يقيني بڻائڻ ڏسان گڏوگڏ سيڪيورٽي انتظام کي يقيني بڻائڻ لاءِ سئنير پوليس آفيسر ڊيوٽي تي موجود نفري کي چيڪ ڪندا ۽ سيڪيورٽي انتظام جو جائزو وٺندا ۽ ضلعي جي تمام انٽري ۽ ايگزٽ پوائينٽن تي سنيپ چيڪنگ جي عمل کي وڌيڪ سخت ڪرڻ جي ايس ايس پي پاران هدايت پڻ جاري ڪئي وئي آهي تمام ڊي ايس پيز ايس ايچ اوز پنهنجي اسٽاف سميت چيڪنگ ۾ حصو وٺندا ۽ دوران چيڪنگ رش ڪندڙ متعدد گاڏين وارن خلاف قانوني ڪاروائي عمل پڻ آڻن جو فيصلو ڪيو ويو آهي ان موقعي تي گاڏين ۾ لڳل ڪارن شيشن فينسي نمبر پليٽ پوليس بليو لائٽ ۽ تيز لائيٽ گاڏين مان ڪڍيون وينديون ۽ بغير نمبر پليٽ بغير ڪاغذات وارين گاڏين جي خلاف پڻ قانوني ڪاروائي عمل ۾ آندي ويندي

بقايا — سنڌيار — 42

ستي خيرپور جي صدر منير احمد منگي سيد رضا حسين شاه سيد صفدر شاه نادر شاه سيد فرخ شاه نثار احمد قلبوٽو زاهد قلبوٽو لاهوٽي خيرالدين گهانگهرو ڪامريڊ راز محمد شيخ اختر عباسي نذير احمد ابڙو اڪرم پتوءَ ٻين فقيرن ۽ عقيدتمندن درگاه تي گلن جي چادر چاڙهي عرس عرس مبارڪ جو افتتاح ڪيس درگاه تي گلن جي چادر چاڙهي انسانيت جي ڀلائي لاءِ دعا ڪئي وئي، چادر چاڙهڻ جي تقريب ڪان علاوه درگاه ۾ غسل ڪرڻ جي تقريب، دهمال جي تقريب، مهندي ۽ صوفيائي محفل جي تقريب، سان گڏ رنگا رنگ تقريبون منعقد ڪيون ويون. صوفيائي محفل ۾ سنڌ جي نالي وارن فنڪارن سيد صنم ديدار شاه سيد موٽڻ محبوب شاه. اسماعيل ابڙو ممتاز گوپانگ السٽي فقير ۽ ٻين پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري خوب داد وصول ڪيو. پيپلز پارٽي جي اڳواڻ منير احمد منگي ۽ ٻين پنهنجي خطاب ۾ چيو ته الله جي اوليائن هميشه پيار، امن ۽ انسانيت جو درس ڏنو آهي. ان ڪري سڄي دنيا جا ماڻهو اولياءَ الله جي پيغام تي عمل پيرا ٿي ٻنهي جهانن ۾ ڪاميابي ماڻين. ڀٽي پاسي خيرپور شهر جي درگاهن سيد خاڪي شاه ۽ سيد داد شاه درگاه جا عرس مبارڪ منعقد ٿيا درگاه جي متولي فقيرن فقير برڪت فقير علي در قلبوٽو فقير فياض شيخ بابر بابا چشتي مظفر قلبوٽو ظفر جمالي نور محمد قريشي شڪيل ميمڻ ۽ ٻين درگاهن تي چادر چاڙهي عرسن مبارڪن جو افتتاح ڪيو.



سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر به شروع ٿي وئي آهي. روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي به سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نه گهرجن، پر جنهن وقت به ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ به ڏياريندا سين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671

sindhyarnews@gmail.com